الطاف شيخ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الطاف شيخ

جي نوٽ بڪ تان

الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1983ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو اوڙيتاليهون ڪتاب

ڇپائيندڙ : نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ : نيو فيمس پرنٽرس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

پهريون ايڊيشن : مارچ 1983ع

قيمت : 12-00 رپيا

(سيئي حق ۽ واسطا مصنف جا قائم)

ALTAF SHAIKH JE NOTE BOOK TAAN.
A Scrape book Collection by Altaf Shaikh.
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed. Hyderabad Sind. Pakistan.
First Edition March 1983.

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتساب

لعل جو ٽيڪي ڏالي

”ڪنهن سونهن ڏني، ڪنهن ساهه ڏنو،
ڪنهن دردن جو درياهه ڏنو،
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آيا،
ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا.“

الطاف شيخ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻه اکر

الله تعاليٰ جي فضل، اديب دوستن ۽ پڙهندڙن جي تعاون جي نتيجي ۾ نيو فيلڊس جو اوڻيتاليهون ڪتاب ۽ الطاف شيخ جو اٺون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

گذريل سال وانگر انشاءالله هن سال به ٻارنهن ڪتاب شايع ڪبا.

اسان جي هروقت اها ڪوشش هوندي آهي ته ايندڙ ڪتاب اڳ شايع ٿيل ڪتاب کان بهتر هجي. ان سلسلي ۾ اسين نه صرف پڙهندڙن بلڪ اديب دوستن جي راءِ ۽ تنقيد کي وڏي اهميت ڏيندا آهيون.

الطاف شيخ جو پبلشرن سان سهڪار قابل ذڪر هوندو آهي ۽ اسان جي به اها ئي ڪوشش هوندي آهي ته اسين نه صرف الطاف شيخ بلڪ هر اديب جي ڪتاب کي سهڻي کان سهڻو ڇپائي شايع ڪريون ۽ جيتري گهٽ قيمت رکي سگهون اوتري رکون.

—ادارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليکڪ جا لفظ

پنهنجي اسڪول، ڪاليج، اڪيڊمي ۽ سامونڊي نوڪري دوران مختلف اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب/ افسانا/ شعرن جا مجموعا وغيره پڙهندي منجهن ڪي سٽون يا شعر پسند آيا آهن ته انهن کي نوٽ ڪندو رهيو آهيان.

اديبن يا سندن ڪردارن جا چيل هي جملا/ ڪوٽيشن ڪنهن خاص بنياد تي نه چونڊيا ويا آهن. ڪي سٽون سندن لفظي سونهن ڏسي ڪنيل آهن، ڪي ادبي خيال ڪان، ڪي لکڻ جي نرالي اسٽائيل کان ته ڪي چرچي طنز يا Sense of Humor کان ڪي ٽڪرا سوچن کي لفظن جو سهڻو ويس ٽا پهرائين، ڪي وري اندر ۾ اونهو نيارو ٽا رکن، خيال ٽا رکن، نئين ڳالهه يا ڪنهن اهڙي اندرين ڀاوُنا جو اظهار ٽا ڪن جيڪو رڳو اسان ڪڏهن محسوس ڪيو هجي پر ان کي لفظن جو جامو نه پهرائي سگهيا هجون.

سنڌي اڪيڊمي وارا منهنجا هي ٽي نوٽ بڪ ٻن واليوم ۾ ڇپائڻ چاهين ٿا جيڪي مون 1960 کان وٺي هيلتائين ڀريا آهن. (ٽي نوٽبڪ سمنڊ ۾ ڪرڻ ڪري پڙهڻ جوڳا نه رهيا آهن ۽ افسوس جو ڪيترن عظيم ليکڪن جون خوبصورت ۽ بي مثال ڪوٽيشن رهجي وينديون).

هن ڪتاب ڇپجڻ جي جتي خوشي اٿم اتي اهو ڀؤ/ خوت/ انديشو اٿم ته ٿي سگهي ٿو ڪٿي ڪو شعر يا ڪوٽيشن جلدي ۾ غلط نالي سان لکجي ويو هجي يا ڪٿي ڪٿي صحيح طرح صورتخطي ۽ پنڪچوئيشن نوٽ نه ڪئي هجي — بهرحال غلطيون ارادتاً نه ڪيون اٿم ان ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اميد تہ انهن جا تخليق ڪار ڪُلّيءَ دل سان معاف ڪندا.
ٻي ڳالهہ تہ هي سڀ ڪجهہ نند وڏائيءَ جي حساب سان نہ لکيو ويو آهي ۽ نہ ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سال مطابق لکيل آهي جيڪو ڪتاب جڏهن آيو آهي ۽ جتي جتي پڙهڻ لاءِ مليو آهي اتي لکندو ويو آهيان. ۽ هي ڪتاب مرتب ڪندي بہ جيڪي جيئن آيو آهي ڇپجڻ لاءِ اتاريو ويو آهي.
اميد تہ منهنجي هيءَ محنت اديبن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.
هڪ دفعو اڳ بہ عرض ڪري چڪو آهيان تہ آئون ڪنهن بہ پبلشر ڪان ڪنهن بہ قسم جو معاوضو (پئسن يا ڪتابن جي صورت ۾) نٿو وٺان ۽ منهنجي اهائي ڪوشش رهي آهي تہ جيتريقدر ٿي سگهي تہ ڪتاب سهڻو ٺهي ۽ ساڳي وقت گهٽ قيمت تي پڙهندڙن تائين پهچي سگهي. مهانگي ڇپائي ۽ پني جي ڳري قيمت باوجود مهڻي پبليڪيشن، نيو فيلڊس، سنڌي اڪيڊمي جهڙا وڏا ادارا ان ڏس ۾ Co-operate ڪري رهيا آهن. پر اڃان بہ ڪو ادارو / پبلشر ان ڪان بہ بهتر نموني سان ڇپائي اڃان بہ گهٽ قيمت رکي سگهي ٿو تہ آئون خوشيءَ سان ان کي بہ پنهنجو ڇپيل / اڻ ڇپيل ڪتاب بنا ڪنهن بہ شرط ۽ بنا ڪنهن معاوضي جي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

الطاف شيخ

ائڊريس: پيٽارو هائوس
6 گذري لين، ڊفينس سوسائٽي ڪراچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهاڳ ـــ ۱

(۱)

ڪيترن سنڌين ڪي سنڌي ڪتاب پڙهڻ جي چوس الطاف جا سفرناما پڙهي پئي آهي. شاهه جتي چئي ٿو: "آيل! ساموندين جي، آهه اڙانگي جوءِ" اتي الطاف ان "اڙانگي جوءِ" جي رنگينين، سونهن ۽ سڪن جو پنهنجي بيان جي دلچسپ انداز سان اهڙو ته نقش چٽيو آهي، جو اسان جو هر ٻيو سنڌي جوان ان گليمرس/ايڊونچرس جيون گذارڻ جا سپنا ڏسي ٿو. ائين الطاف جي سفرنامن پنهنجو ڪارج ادا ڪيو آهي. ۽ الطاف هڪ سٺي ساموندي جيان شاهه جي ان چئي تي عمل ڪيو آهي:

"وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي."

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته الطاف پنهنجي فيلڊ جو اڪيلو/سٺو/پاپولر ليکڪ آهي. سنڌس مقبوليت جو اندازو سنڌس ڪتابن جي ڊگهي لسٽ ـــ "ازاميڪا/"منهنجو ساگر منهنجو ساحل" کان وٺندي 'الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان' چونڊ ٿائين ـــ مان لڳائي سگهجي ٿو.

دنيا جي ٻين ٻولين ۾ Scrape book ڇپيا آهن. سنڌي ۾ ۾ اهو پهريون اتفاق آهي....جيڪو الطاف هٿان ٿيو آهي. مختلف لکڻين مان، مختلف وقتن تي ڊائرين ۾ نوٽ ڪيل، چونڊيل ٽڪرن کي پنهنجي الڳ ـــ اهميت آهي. ڇو ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چونڊيندڙ هڪ آرٽسٽ هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ريسرچر جو رول به پلي ڪري ٿو. ان چونڊ مان نه فقط ليکڪ جي احساس، سوچ، فڪر، گهرائي ۽ ڪلا جي خبر پئي ٿي. پر ساڳي وقت ان جي چونڊيندڙ جي سوچ، احساس، گهرائي، آرٽ ۽ ڪلا متعلق سندس ڄاڻ جي خبر پئي ٿي. جيئن هڪ ليکڪ پنهنجين لکڻين ڏانهن ذميدار آهي— هو پنهنجي تخيل، احساس، سوچ ۽ فڪر کي سهڻن لفظن جي لڙي ۾ پوئي، معنا بخشي ٿو ۽ ائين ڪلاونت هئڻ جي ثابتي ڏي ٿو. تيئن ئي مختلف لکڻين مان لفظ، سٽ يا پئرا گراف چونڊيندڙ پڻ— ان صورت ۾ جڏهن اها چونڊ ڇپائڻي به هجي تڏهن— اوتروئي (بلڪ ان کان به وڌيڪ) ذميدار آهي، جيترو خود ليکڪ.

ڪنهن به ليکڪ جنهن کي اسان نه به پڙهيو آهي — ته به هن جي ڏنل چونڊ مان اسان سندس لکڻين جو ساءُ وٺي سگهون ٿا. هن جي آرٽ ۽ اپروچ متعلق ڄاڻي سگهون ٿا. هن متعلق ڪو به سٺو/خراب رايو قائم ڪري سگهون ٿا، ۽ ائين ان 'اسڪريپ بڪ' جي اهميت سوائي ٿيو وڃي. جو ٿوري ۾ گهڻي ڄاڻ حاصل ٿيو وڃي— ۽ ان ڪري ئي چونڊيندڙ جو ڪم وڌيڪ ڏکيو ۽ ذميدارانه ٿيو پئي. تنهن ڪري اهو قطعي ضروري ناهي ته هر اها لکڻي جيڪا مختلف لمحاتي ڪيفيتن ۾ ڊائريءَ تي اتاريل هجي — يا ڪنهن به دوست/ سنگتي/ ساٿي / ڄاڻ سڃاڻ واري کي "پليز" ڪرڻ لاءِ سندس سٽ/سٽون ان چونڊ ۾ ضرور

شامل ڪجن. ان وقت چونڊيندڙ کي صحيح معنيٰ ۾ Selective ٿيڻو پوندو — جيڪو الطاف نہ ٿيو آهي. الطاف ڪٿي چونڊيل هڪ سٽ ذريعي گهڻو ڪجهہ چئي ويو آهي ۽ ڪٿي صفحن جا صفحا ڏيئي ويو آهي — بي مقصد، اجايا!

ڪنهن اڻ چاتل ليکڪ جي هڪ سٽ ۽ چاتل سڃاتل ليکڪ جي سون سٽن تي ڀاري ٿي سگهي ٿي — پر اهڙي سٽ هجي ته!

هتي ”بي مقصد/ اجايا“ جا مان ڪجهہ مثال ڏيندس:

عذرا بانو جو سڄو سارو نظم ڏنل آهي — ان نظم ۾ اهڙي ڪهڙي نئين/انوکي/ چرڪائيندڙ ڳالهہ، نئين/انوکي انداز ۾ چيل آهي؟ ويتر ”پاس جي بدلي“ پڙهي تہ ائين لڳي ٿو ڄڻ اڙدوءَ تان (ردي) ترجمو ٿيل آهي.

جيڪي چيئي سو پيهر ٻول

هر هر پنهنجا چپڙا چول

هڪ عاميانہ شعر آهي. جنهن ۾ معنيٰ ۽ مطلب وينديءَ ٻوليءَ ۽ ادائيگيءَ تائين ڪا بہ سونهن ناهي. پاڻ لفظ ”چور“ کي محض قافئي جي پورائيءَ لاءِ ”چول“ ڪري ٻوليءَ جي ٻيڙي ٻوڙي وئي آهي. ڏيڻو ئي هو تہ عنايت جو ڪو سٺو شعر ڏجي ها، اهڙا ڪوڙ مثال آهن — جن جو ورجاءُ وقت جو وڃاءُ ئي ٿيندو.

(٢)

اڄ جڏهن سنڌي ٻوليءَ (جاتيءَ) آڏو انيڪ خطرا موجود آهن، تڏهن پوسٽ جي لفافي تي سنڌيءَ ۾ ايڊريس لکڻ بہ انهن خطرن کي ٽارڻ جو هڪ جتن آهي، چاڪاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ انهيءَ شعوري/لاشعوري عمل ۾ به "سنڌيت" جي سڳنڌ شامل آهي، جنهن سان اسان جو سارو وجود واسيل آهي.
دراصل، ان سڳنڌ کي چئن ڏسن ۾ ڦهلائڻ ئي صحيح ڪنا ۾ هڪ ليکڪ جو بنيادي فرض آهي. ۽ الطاف شيخ به اسان جي انهن ڳاڻ ڳڻين ليکڪن مان هڪ آهي، جيڪي پنهنجو اهو بنيادي فرض ادا ڪرڻ ۾ رڌل آهن — ۽ الطاف شيخ ئي سنڌيءَ جو اهو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن جي هر عمر جي پڙهندڙن جو حلقو سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهي:

سنڌي ماڙهو جت
دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾
سنڌ سڳوري ات

اسان جي ڪيترن ليکڪن لکڻ کان ماڳهين "بان" ڪري ڇڏي آهي، ۽ لکڻ جو نهيل نڪيل ڪارڻ وڌن اهوئي هوندو آهي، ۽ واندڪائي ڪانهي— ۽ ان ڳالهه تي اچرج تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اهڙا ليکڪ ائين چوندا آهن، جن وٽ ادب واندڪائيءَ جي وندر ۽، پر اجتماعي قومي مقصدن ماڻڻ جو هڪ سگهارو وسيلو پئي رهيو آهي، منهنجي خيال ۾، اهڙن ليکڪن وٽ پڙهڻ لاءِ به واندڪائي نه هوندي.
ان ڏس ۾ الطاف جو مثال سامهون رکڻ گهرجي— ۽ شايد الطاف ئي سنڌيءَ جو اهڙو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن روزانو لکڻ پنهنجو نيم بنائي ڇڏيو آهي.

soorihsindhiadab
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ڪتاب ”الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان“ سنڌس ٻين ڪتابن کان بلڪل مختلف آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي. هي ڪتاب الطاف جي اسڪول، ڪاليج، اڪيڊميءَ کان ويندي سامونڊي نوڪريءَ تائين جي مِٺڙي چونڊي آهي ۽ چونڊ جا ڪارڻ هن ”ليکڪ جا لفظ“ ۾ پاڻ ئي ٻڌايا آهن.

شاهه، سچل، اياز، آغا سليم، جي- ايم سيد، علي بابا، تنوير، شمشير، گنو سامتاڻي، امر، سنڌري، ٻوپٽي، سراج، رام پنجواڻي، موهن، نجم عباسي، ڪيرت .... ڌرتي ڄاين جا ايڏا وڏا نالا آهن، جيڪي سنڌ، ٻوليءَ، ساهت ۽ سڀيتا لاءِ ڪيل پنهنجي لازوال خدمتن جي ڪري سنڌ جي اتهاس ۾ امر ٿي چڪا آهن— ۽ الطاف سنڌن لکڻين مان چونڊ ٽڪرا ڏئي، اسان تي وڙ ته ڪيو ئي آهي، پر ساڳئي وقت اسان جي اندر ۾ ٻوليءَ، ساهت ۽ سڀيتا لاءِ امٽ ويساهه پڻ جاڳايو آهي.

جيستائين چونڊ جي معيار جو تعلق آهي، ته الطاف ڪيترن ليکڪن سان انصاف نه ڪري سگهيو آهي، جيئن ته قمر شهباز جو هي ٽڪرو: ”تنهن جي هيءَ حالت ڏسي، منهنجي نازڪ دل تي روسي ٽرئڪٽر ٿا ڊوڙن.“ الطاف پاڻ به انهيءَ چونڊ بابت ”ليکڪ جا لفظ“ ۾ جيڪي ڪارڻ ڄاڻايا آهن، ڪجهه هنڌن تي اهي لکڻين تي نٿا ڍڪن انهيءَ ڪري ئي اصل ليکڪ لاءِ پڙهندڙ جي ذهن ۾ صحيح ۽ جٽادار تاثر قائم نٿو ٿئي، پر ذاتي پسند/ناپسند هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُهڙي لٺ آهي، جنهن کي رکو مٿا ڏي مٿا آهن!

اهو صحيح آهي ته الطاف مختلف وقتن، هنڌن، سوڊ ۽ ماحول جي اثر هيٺ انهن ليڪن کي ليڪيو آهي، ۽ نوٽ بڪ تي اتاريو آهي، پر جڏهن اهو نوٽ بڪ ڇپائي لاءِ وڃڻو هجي، تڏهن ان کي نظر مان ضرور ڪڍڻ گهرجي- گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ ڪتاب (سٽن نوٽ بڪن جو ٻيو واليوم) ۾ ان ڳالهه جو الطاف کي ڌيان رکڻ گهرجي.

سحر امداد/ امداد حسيني

اڊريس:

پروفيسر سحرامداد

سنڌي ڊپارٽمنٽ - آرٽس فئڪلٽي

سنڌ يونيورسٽي- ڄامشورو

امداد حسيني

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ - ڄامشورو سنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه مون پاران

الطاف شيخ جو هي ڪتاب جنهن ۾ هن مختلف اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن ۽ ليکڪن جون سٺون ۽ شعر ڏنا آهن نه فقط عام پڙهندڙ ۽ شاگردن لاءِ دلچسپ ۽ ڪارائتا ثابت ٿيندا پر خود انهن جا تخليڪار پنهنجا فقرا ٻيهر پڙهي لطف ماڻي سگهندا.

الطاف هڪ اهڙو ليکڪ آهي جيڪو لڳاتار لکندو اچي. آءٌ ون ڪيس نديپ ڪان سڄاڻان جڏهن هو اجان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندو هو ۽ موڪلن ۾ هالا جي سروري اسلاميه ڪاليج جي پرنسپال سائين محبوب علي چنا وٽ ٿيندڙ ادبي ڪچهرين ۾ پاڻ ۽ سندس ٻيا دوست عزيز: ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر يوسف ابڙو، ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي، پروفيسر محمد عمر ميمڻ ۽ ٻيا اچي ليکڪ پڙهندا هئا.

الطاف انهن اديبن مان آهي جيڪي اخبار ۽ رسالن جي ايڊيٽرن ۽ پبلشرن سان بيحد گهٽي سهڪار ڪن ٿا. پاڻ پنهنجي ادب جي قيمت ڪٿڻ ۽ پبلشر کان ڪنهن به قسم جو معاوضو وٺڻ کان پري رهي ٿو. ساڳي وقت الطاف انهن خوش نصيب اديبن مان آهي جنهن جا ڪتاب جڳ مشهور ادارا: سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد، نيو فيلڊس حيدرآباد، سنڌي اڪيڊمي ڪراچيءَ جهڙا، ڪڏهن ڪڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ کي نقصان ۾ وجهي به شاندار نموني سان ڇپائيندا رهن ٿا.

الطاف جي ان عادت جي هرکو واکاڻ ڪندو ته هو مشغول هوندي به لکڻ پڙهڻ لاءِ هر صورت ۾ وقت ڪڍيو وٺي. سندس جهاز جڏهن ڪراچيءَ ايندو آهي ته آئون به ٻارن کي وٺي سندس جهاز گهمائڻ ويندو آهيان ۽ کيس انجڻ پٺيان پورهيو ڪندو ڏسي تعجب کائيندو آهيان ته هيترو جسماني ۽ ذهني ڪم ڪرڻ بعد هن کي شابس هجي جو لکڻ پڙهڻ جي ڪم کي به وقت ڏئي ٿو. هو ڪجهه وقت کان (ٻن سالن جي ڊيپوٽيشن تي) جهاز هلائڻ بدران هڪ جهاز رانيءَ جي ڪاليج ۾ مئرين انجنيرن کي وڌيڪ پاڙهڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ڪناري ۽ شهر جي رونق ۾ رهندي به پاڻ گهمڻ ڦرڻ، دعوتون پارٽيون اٽينڊ ڪرڻ يا اجايون ڪچهريون ڪرڻ بدران پنهنجي وندر جو وڏو حصو سنڌي ادب کي ڏئي ٿو. ڪيترن کي شايد اها خبر نه هجي ته الطاف انجنيرنگ کان علاوه سنڌي ادب ۽ قانون ۾ پڻ گريجيوئيشن ڪئي آهي. ايم اي لاءِ سندس لکيل مونوگراف: ”سنڌي ادب ۾ لکيل سفر نامن جو تنقيدي جائزو“ ڪتابي صورت ۾ ڇپائيءَ هيٺ آهي ۽ ايل ايل بي جا ڪيترائي سبجيڪٽ: انٽر نيشنل لا، مرڪنٽائيل لا، جيورس وغيره اهڙا سبجيڪٽ آهن جيڪي مرچنٽ نيوي ۽ جهاز رانيءَ سان ايترو ته تعلق رکن ٿا جو ڪيترا دفعا هن مئرين انجنيرنگ کي ڇڏي مئرين لا

soorhinsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ گهڙڻ جو سوچيو هوندو. اڄ ڪلهه ظفرحسن هونءَ به وڪيلن کي ڪورٽن جا دلچسپ قصا لکڻ لاءِ آماده ڪري رهيو آهي ٻيو ڪو لکي يا نه پر ڪڏهن ته الطاف بين الاقوامي ڪورٽن ۾ پيش ايندڙ جهازن جي ڦڏن جا دلچسپ قصا ضرور لکي وٺندو.

بهر حال هڪ بزرگ جي حيثيت ۾ آئون الطاف کي دعائون ئي ڏئي سگهان ٿو ۽ اميد ته هي ڪتاب جيڪو پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي، اڳين ڪتابن وانگر پڙهندڙن کي تمام گهڻو پسند ايندو.

عبدالڪريم سعدي
١٥ فيبروري ١٩٨٣ع

ائڊريس:
عبدالڪريم سعدي
سينئر سب ايڊيٽر
روزنامه هلال پاڪستان
ڪراچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الطاف شيخ جا ڪجهه ٻيا ڪتاب

١- انامِيڪا
٢- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
٣- پيار جي گهڙي
٤- سمونڊ جي سيوين
٥- دنيا آهي ڪاڪ محل
٦- وايون وڻجارن جون
٧- سمونڊ جي ساٿيهه
٨- بندر بازاريون
٩- سي ڏي جوين ڏينهن
١٠- ارائونڊ دي ورلڊ
١١- سي ٻيڙيون رکين پاڄهه سين
١٢- بندر ديسان ديس
١٣- ڪويت ڪنارا
١٤- ڇا جو ديس ڇا جو وديس
١٥- جاني نه جهاز ۾
١٦- ڳالهيون تنهن جپان جون
١٧- جپان جن جي جيءَ سان
١٨- جپان رس
١٩- سانپاهو سمونڊ جو
٢٠- خدا ڏي خط
٢١- موج نه سي مڪڙي

ڇپائيءَ هيٺ:

١- بهترين سفر ناما ٢- جنهن چين ڪيو بي چين
٣- سچن سفر هليا ٤- تن غورابن جا ڳس

* توهان ذڪر جي ڏانوَ ۾ پاڻي پي رهيو آهيو، مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ ميءِ آڇيان ٿو. توهان منهنجي ميءِ ڪان ڇرڪيو ٿا، ڇو ته توهان ان بيئل تلاءَ جي پاڻيءَ تي هري ويو آهيو. توکي اهو ٻاڙو پاڻي گهر ويٺي ملي ٿو. تنهن ڪري توهان اها تڪليف به نٿو وٺو، ته توهان اهو شفاف جهرڻو ڳولي لهو، جنهن جي پر تان تنهنجا وڏا ڪجهه صديون اڳ لڏي آيا هئا. مون انهيءَ ساڳي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگور جون وليون پوکي، انهيءَ جي ميوي جي رس مان هيءَ ميءِ جوڙي آهي. توهان انهيءَ مان چڪي چکي ڏس. شايد اها توکي امر ڪري ڇڏي.

شيخ اياز

* اجتماعي حيثيت ۾، ٻولي هڪ سماج جي اندر هڪ سامونڊي وهڪري جيان رڙهندي، ور ۽ وٽ ڪائيندي، چڙهندي ۽ لهندي، وهندي هلندي آهي. سنڌ ۾ هيئن بنسري، مرلي، ٻورڻيندو، چنگ، تنبورو ۽ سرندو، سڀ دل جي دانهن، اندر جو اوٻر، ڏک جو دونهون ۽ ڪوڪ واڪو ۽ ڏوراپو ڏيڻ لاءِ بهترين وسيلا آهن ۽ هن سماج ۾ اهي ئي ساز ايجاد ٿيڻ ڪپندا هئا.

الهداد ٻوهيو

* هرڪو ليکڪ، خاص ڪري اهڙو ليکڪ جيڪو لکڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهندو آهي، سو ليک ڪنهن به هڪ گروهه يا طبقي کي راضي رکڻ لاءِ نه لکندو آهي. لکڻ منهنجي حياتيءَ جو مقصد آهي. مان سمجهان ٿو، بلڪ مون کي يقين آهي ته منهنجي ناڪاري زندگيءَ جو لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به مصرف ناهي. مان شوق خاطر نه لکندو آهيان. مون لکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي.

امر جليل

* اهو اهم ناهي ته ڪهڙو ليک ڪهڙي رسالي يا اخبار لاءِ لکي ٿو. اهم اهو آهي ته هو لکي ڇا ٿو. ساڳيءَ طرح بيان ڪهڙي اخبار يا رسالي لاءِ لکان ٿو، اهو اهم ناهي اهو اهم آهي ته مان لکان ڇا ٿو! جڳ ٿو ماريان، يا لفظن جو نڳڙم بازي ٿو ڪريان، يا جملن جي هيرڦير ٿو ڪريان!

جهٽ پٽ ۾ ڪنهن کي حب الوطنيءَ ۽ ڪنهن کي غداريءَ جا سرٽيفڪيٽ ڏيڻ سان سنڌ جا مسئلا حل نه ٿيندا. ان پارٽي رويي سبب سنڌ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. ڪنهن به رسالي يا اخبار لاءِ لکڻ يا نه لکڻ ليک لاءِ حب الوطنيءَ جي سند نه آهي. اسان کي مختلف مسئلن بابت پنهنجا ذهن صاف ڪرڻ گهرجن.

امر جليل

* اسان مان ڪير وڏو آهي، هن تحريڪ ۾ اسان مان ڪنهن جو ڪردار ڪهڙو آهي ۽ ڪيترو حصو آهي. پلا اسان ڪير آهيون، جو اسان اهي فيصلا ڪريون. تون ۽

مان ته اٿاهه ساگر جون لهرون آهيون. تاريخ الائي ڪهڙا فيصلا ڪري ـــ؟ ادب جي بارگاهه ڏاڍي ڏکي بارگاهه آهي. تاريخ جا ٽورينڊز ٽڪا آهن. هتي ڪنهن ۽ ڪٿي ڪان پوءِ به خبر ناهي ته ڪو داخل ٿئي يا نه.

تنوير عباسي

* ارنيسٽ هيمنگوي لکيو هو ته اديب هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ وانگر آهي، ۽ هڪ سٽ به بي ايمانيءَ سان لکڻ جي ڪري ان جي ڪنوارپ ختم ٿي سگهي ٿي، سو سائين لکڻ مهل منهنجو هنياءُ ڏڙڪندو آهي. اديبن لاءِ هيءُ جهان ئي پل صراط آهي.

اسان ته اهو ٿا چاهيون ته انهن دوستن سنڌ جي اونداهي دور ۾ جڳ مڳ جڳ مڳ جوت جلائي، پنهنجي ڏاهپ جا ڏيئا ٻاريا. راهون روشن ڪيون.

تنوير عباسي

* ڪابه هڪ ڳالهه قومن جي ٺاهڻ ۽ ترقي لاءِ ڪافي نه آهي، قومون هڪ جنس وارن ماڻهن جا مجموعا هونديون آهن، جي هزارها سال ساڳي ملڪ ۾ رهڻ ڪري هڪ ٻولي ۽ هڪ ڪلچر اختيار ڪندا آهن. جي هڪ ٻئي جا نفعا ۽ نقصان ساڳيا سمجهڻ لڳندا آهن. منجهن ساڳئي قسم جي ماڻهن جي صدها ورهين جي لاڳاپن ڪري هم جنسيت پيدا ٿيندي آهي. ماڻهو مٽي يا ڌاتو جا ٺهيل ڪونه هوندا آهن جي سانچي ۾ وجهڻ ڪري هڪ ئي قسم جا پتلا بنجي پون.

جي ايم سيد

* اسان چوندي هئي، هرڪيوليس هجي يا جوليس، سيزرس هجي يا ڪو رستم، دنيا جو ڪو پهلوان مورڙي جو مٽ ٿي نٿو سگهي. مورڙو همٿ ۽ مردانگي جو Symbolآهي.
* سنڌ هڪ قديم ملڪ آهي، ان جا بنياد پڪي ٽوڙهي، سورجائي، ڪانيوءَ، پب، پاراش، ڪيرٿر، ڪارونجهر، چوهڙ ۽ هالار تي رکيل آهن.
* وطن جو جذبو زندگيءَ جي سمورن جذبن کان مهان آهي. وطن جي اڳيان زندگي جا سمورا رشتا وڃي ويندا آهن، ڪچجي ويندا آهن، ٽٽي ويندا آهن، ڇرخيءَ تي ڍوڙندڙ ڪچيءَ تند جيان.
* ڪمزور شيون ۽ قومون ڌرتيءَ جي تختي تان ميسارجي وينديون آهن. اهو قدرت جو قانون آهي.

علي بابا

* قومي جذبو رکندڙ عام شاگرد کان وٺي ويندي اسان جا چوٽيءَ جا دانشور سطحي ۽ کوکلي جي هڪ ئي لهر ۾ پيا لڙهن. اسين سنڌي ڪچهرين جا ڪوڏيا آهيون. اها ڪا خراب ڳالهه ڪانهي. پر ڏکيان ڳالهه جو آهي ته اسان جي دانشورن ۽ اديبن جون ڪچهريون ڪيڏيون سطحي هونديون آهن! انهن ۾ اهم موضوع هوندو آهي. هڪ ٻئي جي گلا ڪرڻ ۽ سياسي بحث فقط اخباري تبصرن ۽ رايِن تائين محدود هوندو آهي.

مدد علي سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ٻولي ساڳيهه جو ساهه هوندي آهي. ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو ڳانڍاپو فطري ڳانڍاپو هوندو آهي. دنيا جا ڏيهه (ملڪ) ٻولين جي نالن سان ۽ ٻوليون ڏيهن جي نالن سان سڏبيون آهن.

ڏاج جويو

* انقلاب نعري بازي، پيچ ڊاهه، مارڪٽ، ڦرلٽ ۽ خون خرابيءَ جو نالو نه آهي. سچو انقلاب انسان جي پنهنجي ذهن ۾ شروع ٿيندو آهي، جتي سوچ ويچار رستي ڪوڙ ۽ وهم جا ڦول ڦولي پاڻ کي ڪوڙن قدرن کان آجو ڪرڻ سان عملي زندگيءَ کي روشن راهن ڏانهن وٺي وڃڻ جي طاقت پيدا ٿيندي آهي. اهڙي ڏي زندگي پوءِ انقلاب ۽ روشنيءَ جو جيئرو مرڪز ۽ مثال بڻجي سڄي ڀنڀور ۾ پنهنجي پڙڪائي سگهندي آهي.

* پاٽ اونداهي رات کان پوءِ اپرندڙ هر نئون سج اسان کي وڏيڪ روشن پاسندو آهي.

ايڊيٽوريل (سوجهرو رسالو)

* ادب زندگيءَ جي عڪاسي ڪندو آهي. ادب اسان جي غمن، خوشين، محبتن، نفرتن، دوستين ۽ دشمنين جي ترجماني ڪندو آهي. سياست جيئن ته اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو آهي، تنهن ڪري ادب مان اسين پنهنجي زندگيءَ جي ان پهلوءَ کي ڌار ڪري نٿا سگهون جنهن ۾ سياست حاوي آهي. تنهن ڪري اجوڪي ادب ۾ (سموري دنيا جي ادب ۾) سياست جو وزندار نمونو حوالو ۽ ذڪر ايندو رهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* مون کي اکڻ جو شوق پيدا نہ ٿيو هو. مون لکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي هئي. اسين پنهنجي زندگيءَ جي خال کي تحريرن سان پرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. مان پنهنجي زندگيءَ جي خال کي پري رهيو آهيان. اهو چاڻندي بہ، تہ زندگيءَ جو خال ڪڏهن بہ نہ پرجندو آهي! مان قنوطي نہ آهيان. مان مايوسين کان نفرت ڪندو آهيان. پر، مڃيندو آهيان، قبول ڪندو آهيان تہ هر ڪا تخليق، پوءِ اها ڪٿي پينٽنگ هجي، شاعري هجي، افسانو هجي، ڪنهن گيت جي ڪمپوزيشن هجي، بنيادي طرح درد مان جنم وٺندي آهي. تخليقي عمل محروميءَ جي احساس مان جنم وٺندو آهي. تخليق منهنجين محرومين جو معاوضو آهي.

امر جليل
(تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون)

* ادب اهو ڏي آهي، جيڪو سچ تي ٻيٺل هجي. ۽ سچ ڪي وقت ريٽي نٿو سگهي. اديب پنهنجي دور جي ترجماني ڪندو آهي. ادب هر دور جي تاريخي شاهدي ڏيندو آهي. اديب وقت سان ڪڏهن بہ سمجهوتو نہ ڪندو آهي. وقت ڪي ڏي اديب جي آڏو جهڪڻو پوندو آهي.

طارق اشرف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

* ڪنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنديءَ تـان
ٻـــي پيڙي ڪا ٻـــہ نـــہ اڇٽي آ،
جـــي تـــون ٻـــہ اچين او وڻجارا!
تـــوکي ٻـــہ آڪاري وينـــداسين.

شيخ اياز

* قدم قدم تي سور سهون ٿا، گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ
آهـــہ حياتي ٿوهر جـــو وڻ، نـاهہ جيئڻ جـو سـاءُ

تاج بلوچ

* اسـان پرين وچ ۾، وهي ٿـو درياءُ
آهي ڪونہ اسان جو، هادي ري همراهہ
سپريان ٿئون ساهہ، سچوءَ تان صدقي ڪيو.

سچل

* ڪنهن الاپي پيروي، اڄ هـيءَ سنجهي ويـل،
تنهنجي منهنجي روح جـو، آهي سـرن ۾ ميل،
آءُ پـريـن سويل، سليون سور فراق جـــا.

الياس عشقي

* ديول، مندر، مسجد ڍاهي، پهتس پريم دوار،
تون ئي داتا، تون ڀڳوان، تون ئي پار اپار.

سحر امداد

* ڪيئن لڪان چند ستارن جون ڪهاڻيون
ڪيئن لڪان مست بهارن جون ڪهاڻيون
اڄ جـــو انسان ڳيچي لاءِ تـــو تـڙپي
ڪيئن لڪان، ڪيئن نظارن جون ڪهاڻيون.

تاج بلوچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* سندڙي ٿي سڏ ڪري، تون اچين نه اوڏو،
اچي تون اڄ اکيان، موڙي ويهه گوڏو،
جيجل جو لوڏو، تو ڪي وسري ويو وجود مان.

لغاري محمد هوت 'مجرم'

* مون ڪي محب ميهار جي آهي تن من ۾ تار،
ڪهڙو قاصد موڪليان، ڪهڙي ڪريان تار،
پاڻي پانيان پنيءَ جيڏو، توڙي هجي تار،
تار منجهان تون تار، سهڻيءَ ڪي هن سير ۾.

* والي وسائيج درد منديءَ جو ديس،
پرين مون پرديس، اڃي اينم اوڏڙا.

سچل

* سندڙي آ سڪرات ۾، اڄ ٿيون ٿا چورا،
اڙي او پورا، آءُ ته جياريون اڄ ڪي.

لغاري محمد هوت 'مجرم'

* هير ته ڏسو ڪنڪر نه هٿو ايندو نه وري هي ونجارو،
ڪجهه ذات ڏسو پوءِ بات ڪريو، هي شور اجايو آپيارا.

* چئي سگهندين چنڊ، ته توڏي مان چو ٿو تڪيان،
ڏئي سگهندين چنڊ، مون ڪي پار پرين جا.

* منهنجي من ڪي ميرو سمجهي ٿڏي چڏين ٿو ٿانءُ،
تنهنجي من ڪان ميرو ناهي، هٽ رکي ڏس هانءُ.

* تون چانڊوڪي چيٽ جي منهنجو من چڪور،
اچي ڪڏهن اور، مون سان ڳالهيون ڪجهه جون.

شيخ اياز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* زندگي جي چار ۾ ڪيتي خوشيون،
اوچتيون آيون، نچيون، ٽٽڪي هيون
ڪيتريون پياريون هيون.

شيخ اياز

* تون منهنجي چمن کي باهه نه ڏي،
مان تنهنجي چمن کي باهه نه ڏيان.

تنوير عباسي

* تون نه ٻي منهنجي ڪري لڙڪن جو زهر
توکي تنهنجو سنهن، نه ٿي مون لئه اداس.
* مان رکو توکي سجاڻان چاڙان
تنهنجي صورت بنا ٻي ڪا صورت
اهڙي اڻ چاڻ نه لڳندي آهي
جهڙي پٿر جي ٺهيل ڪا مورت.
* منهنجي ڪمري مان ڪٿي وڃي آهين
پنهنجي تصوير کي پٽ تان لاهي
دل جي ديوار تي اڄ ڏينهن تائين
تنهنجي تصوير ٽنگي پئي آهي.

امداد حسيني

* وقت جا طوفان اڪري پنهنجو ٻيڙو پار ٿيو
پر ڪنارن تي اچي ٽڪرائجي پرزا ٿيو.

تنوير عباسي

* جن نه پيتا تي لڙڪ جڳ جي چئي
تنهنجي چئي زهر ٻي ويا آهن.

امداد حسيني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ٿيو ته مشڪل ماڻ ليڪن او پرين
ٿو سوا منهنجو گذارو ٿي ويو.

* ڏس واريءَ تي ٿي باک ڦٽي،
ڏس اوپرڪي ٿي لاک لڳي،
ڏس مارڳ تي ٿي ماڪ وسي،
هي صبح ته ’تو- مون‘ ڳوليو آ.

تنوير عباسي

* ڪنهن جي ڪنهن جي روپ مان، ڪوري ڪاليداس،
آندي آهي شڪنتلا، جنهن ۾ هن جا سواس،
هر ڪنهن ناريءَ آس، آئون به شل اهڙي ٿيان.

شيخ اياز

* آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي
پر هينئن نه مرنداسين ساٿي
ڪا آڳ لڳائي وينداسين
ڪو ٻارڻ ٻاري وينداسين —

شيخ اياز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ”هيترا سال ڪٿي هئا؟“
”جڏهن تو وٽ نه هئس، تڏهن ڪٿي به هجان. ڪهڙو فرق ٿو پوي.“

* ”مون تو ڪي ڇوليو. پنج سال ٿي ويا. تون منهنجي ڪنهن به پريمئر تي نه آئين.“
”مان اچان ۽ اچي به اتي نه هجان، ان کان بهتر آهي، مان اتي نه اچان ۽ نه اچي به اتي هجان.“

* ”...مان توسان ڪهڙي به ڳالهه ڪري سگهان ٿو — من جي، ڪابه گهري، سچي، چاهي اها پاپ لڳي، اڌوري، مبهم، بنا سوچي.“

* ”اسان جو ڪوبه رشتو ناتو ڪونهي. پر پکي هئا، ڪٿي مليا ۽ ويهي رهيا — جي هڪ اڏامي وڃي ته ان کي اهو پڇڻ نه گهرجي ته پيو پکي ڇا ڪندو!“

* ”رهي پئو يا هليا وڃو. مون ٿيئو ته هليا اچجو ۽ نه ٿيئو ته نه اچجو. ڪو بندش ناهي. ڪا تقاضا نه آهي.“

* اسان جي اندر آدرشن جا پاندو ۽ مجبورين جا ڪورو آهن، جي من کي ڪرو کيتر بڻائي، ان جي سڄي زمين رت سان ڳاڙهي ڪري ڇڏين.

* هر عورت پهرين ڪان وڌيڪ سندر لڳي ٿي.

* اسين انسان آهيون. سونهن سچ ۽ هوس جا چاهڪ ۽ رکيڪ. اسان جون آزاد خواهشون پل گناهه ليکجن.

* اها انسان جي ڪيڏي نه بي وسي آهي. اسين پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزاد خواهش موجب نہ جي تا سگهون ۽ نہ مري تا سگهون.

* ”رِيشما، ڇا توکي اهو ڪڏهن خيال نہ آيو آهي تہ مان تنهنجي وڇايل سرگ آهيان.“

مون چيو: ”اها تنهنجي بدنصيبي آهي جو مون کي تنهنجو خيال ئي نہ آيو آهي.“

هن شڪي ٿي چيو، ”اها تنهنجي بدنصيبي آهي، هاڻ مان خود ئي ٽوٽ آيو آهيان.“

موهن ڪلپنا (ٽون منهنجي سندرتا جو آرنيپ آهين).

*.... منهنجي ويچار ۽ هن جي عمل ۾ ڪوبہ فرق نظر نٿي آيو. سون کي اٿين لڳو ڇڙ مان آواز هوس ۽ هوءَ پڙاڏو هئي.

* ڇاڪاڻ جو مان ساڏنا کي پاڻي ٿي سگهيس، ان ڪري ئي هاڻ منهنجو هن ۾ چاهہ نہ رهيو هو.

* ”ٽون اکين لاءِ ننڊ ۽ ننڊ لاءِ هڪ خواب آهين.“

هن گنڀير ٿي چيو، ”اصل ۾ آهيان هڪ اوجاڳو، هڪ سراپ.“

* ”مان توکي پاڻئي ٿو چاهيان.“

”تو مون کي وڇايو ئي ڪٿي هو.“

*....”ٽوهان کي ٽوهان جي پريم جي موت فقط پنهنجي طرز تي گهرجي....! هي ڪهڙو پريم آهي ٽوهان جو؟“

”مون کي پريم برابر پنهنجن طرزن تي ڪپي پر اهي طرزون عورت کي غلام بنائيندڙ نہ آهن.“

* ”۽ تنهنجو پريم——؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ان تنهنجو اصلي روپ ڏسي آئم هيتا ڪري ڇڏي.“

موهن ڪلپنا (موهي ڏرموهي)

* ملڻ کان پوءِ ته سڪ شروع ٿئي ٿي، ۽ سڪندو رهڻ ٿي ته جيون ۾ هڪ پورنتا ۽ ترقي پيدا ڪري ٿو.

*.... ڪڏهن ڪڏهن بلڪل ننڍڙيون ڳالهيون به ٻن ڄڻن جي وچ ۾ هڪ وڏي ديوار کڙي ڪري ڇڏينديون آهن. ڳالهيون ته وسري وينديون آهن، مگر اها ديوار ڏاڍي ڏکي ڪرندي آهي. ڪرڻ لاءِ ته سچ پچ هڪ ڪن جي ئي دير لڳندي آهي، مگر اها ڪن ڏاڍي ڏکي ايندي آهي.

*.... ڪيترن ئي مهنن کان پوءِ خبر پيم ته سرلا جي منگڻي جون ڪوششون هلي رهيون آهن. ليڪن منهنجي دل تان ڪجهه بار هلڪو ٿي وڃڻ بدران پاڻ ڳرو ٿي پيو. الاجي منهنجي اندر اها خود غرضي ڪٿي لڪي ويٺي هئي. اندر ئي اندر ڪا لڪل پاورتا چاهي رهي هئي ته ڪاش! هوءِ منهنجي ياد ۾ هميشه هميشه لاءِ ڪنواري رهي.

*.... اُف! ند لاءِ هڪ ئي دمينتي ڇو هئي؟ رام لاءِ هڪ ئي سيتا ڇو هئي؟ ميهار لاءِ هڪ ئي سهڻي ڇو هئي؟

*.... نه هو منهنجو آهي. ڪڏهن به پرائو ٿي نٿو سگهي. پلا ائين به ڪڏهن ٿي سگهي ٿو. ها.... ها.... ان وقت طوفان لڳندا.... پوچا جي سامگري اڏامي ويندي.... ليون ڪري پونديون....الاجي ڇا ڇا ٿيندو ـــ

*.... اکين جا ڇپر سڄي دنيا تي پياه. پر گهڙيال جا ٻجا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ هڪ ٿي پڌائيندا رهيا، نہ ڌرتي، آڪاش، طوفان، وڄ ڪو بہ منهنجي مدد ڪرڻ ڪين آيو. اها ڪئن رات، ورهيہ ڪان ٻوڏي رات ڪيئن صبح جي روشني ۾ گم ٿي ويئي، ڪيئن پڌايان؟ ۽ ان ڪان پوءِ بہ مان جيئري هيس!

*.... ان ڏينهن مونکي هڪ عجيب ڇاڻ پيئي، پر ڌنڌلي روپ ۾ تہ زندگي سک چاهي ٿي، سونهن چاهي ٿي، مدرتا چاهي ٿي.

*.... تون پنهنجي ونيءَ ڪي پــاسي ۾ بيهاري هزار گناهہ ڪري سگهين ٿو. هـــوءَ تنهنجا سڀ ڏوهہ ڪٽي ونندي. دنيا توکي هڪ اکر بہ نہ چوندي. مگر مان تنهنجي ويجهو رهي ڪارنهن جوڙڪر ٻئجي پوندس. دنيا مونکي بي گناهہ ڏسي بہ سخت گنهگارن جي صف ۾ بيهاري ڇڏيندي.

*.... اهو تہ تمام سٺو خيال آهي. جنهن ڪي جيئڻ لاءِ موہ نہ هوندو آهــي. اهو ئــي انسان وڏا ڪم ڪري سگهندو آهي. چوندا آهن تہ ڪلاڪارکي ڪا چوٽ لڳڻ ضروري آهي. خبر اٿيئي چوـــ؟ ان لاءِ تہ هو پنهنجي رچنا ۾ درد پيدا ڪري سگهي.

* وهندي نديءَ مان پلي واهہ کوٽي پاڻي ڪيجي. ليڪن بيٺل پاڻيءَ مـــان تہ هڪ هڪ ڏول پريندي بـہ پاڻيءَ جي ڪٽجي وڃڻ جو خيال ستائيندو آهي.

* ڪيڏن سالن کان تنهنجي مندر جـي چانئٺ تي ويٺي، تنهنجي پاڇهہ لاءِ واجهايان.

* حالتون ئي انسان کي جوڙين ٿيون. اسان کي جي توهان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڙا اسرڻ جا وجهه ملن ته پڙهي ڳڙهي توهان کان به وڌيڪ قابل ٿي سگهون ٿا.

* غلط خيالن جي اثر هيٺ رهي انسان پاڻ کي ڪيترو نه دکي ڪري ٿو.

*....شادي هڪ ڇوڪريءَ سان رچائجي، ۽ دل ۾ ٻيءَ ڇوڪريءَ کي چاهيندو رهجي، سا ڳالهه آڪاٽين ۾ ڀلي دلچسپ لڳي، ليڪن حقيقي زندگيءَ ۾ تباهي آڻيندڙ آهي.

سچي پيار ڪندڙ جو هردو ته ايڏو وسال ٿيندو آهي جو هن کي هر انسان جو دک پاسندو آهي.

سنڌري انم چنڊاڏي

(پريت پراڻي ريت نرالي)

* ”اي ڪاش!
رات خواب ۾
توکي ڏسان ها
توکي ڏسان ها
نديءَ ڪناري
مسڪرائيندي
گيت ڳائيندي
تنهنجي نغمن ۾ پاس جي بدلي
درد هجي ها
سوز هجي ها
جيئن لهر لهر
تڙقي تڙقي
رشڪ ڪري ها
شور ڪري ها
پوءِ خاموش ڪنارو
اشاري سان
سڏ ڪري ها
مجبور ڪري ها
شوخ لهرن کي
تنهنجي پيرن چمڻ لاءِ.“

عذرا ٻاڏو

* تشبيهه
تنهنجو سنهڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ٻهو تو جيان !
زندگي آهي پياري،
حسين ۽ جميل
مه جبين، مه جبين
مه لقا، مه لقا،
مرڪنڊڙ مرڪنڊڙ
بي خبر بي خبر
دلنشين دلنشين
دلربا، دلربا،
گلفشان، گلفشان،
گلبدن گلبدن
خوش نظر خوش نظر
خوش ادا خوش ادا
هو ٻهو تو جيان،
بيوفا بيوفا !

امداد حسيني

* ڪوجهو ٽوٽي ڪاٺو آهي،
اڄ رات ته هرڪو راڻو آهي.
ماڙي ماڙي واندي آهي،
تنهنجي منهنجي چاندي آهي،
ڪوبه چوڻ وارو ڪونهي ڪو،
ڪوبه پڇڻ وارو ڪونهي ڪو.
تون به نشي ۾، مان به نشي ۾،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنڊ به آهي پنهنجي لسٽ ۾
هل ته هلي اڄ موج ملهايون،
ڪاڪ محل جو در کڙڪايون.
پريت جو هڪڙو پل ئي سهي،
چوريءَ جو ڪو چل ئي سهي.
ڪاڪل ئي سهي پيتل ئي سهي،
مومل نه سهي، سومل ئي سهي.

امداد حسيني
(روح رهاڻ رسالو)

* تعارف
مون ته تنهنجو نالو پڇيو هو توکان،
سو به ڪنهن لوڀ ۽ لالچ کان سواءِ.
تو ڏني وڃي ڇيو هو مونکي:
"مان ڪا اهڙي تهڙي يا ويل آهيان؟
برسر عام ڪرڻ گستاخي
ڪنهن به اشراف جو شيوو ناهي،
بي حيائيءَ جي به حد ٿيندي آ!"
تنهنجا سڀ ويڻ سهي مون ٿي،
تنهنجي هڪ شهر جي رڪشا واري
تنهنجو نالو ۽ پتو،
مونکي لکرائي ڇڏيو
۽ چيائين ته انهيءَ ماڻهوءَ ۾،
ڪو به ڪرڪار هجيئي ته مان حاضر آهيان.
وفا ناٿن شاهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* مان پنهنجو پاڻ کي ڳولهيو آ،
مان پنهنجو پاڻ کي،
وڃايو آ،
پاڻيءَ جي وهڪ کي،
ڪن سان روڪي
وڌيڪ مان وهايو آ.

سلطانا وقاصي

* ٻڪي......
....مونکي ياد آيو.
توکي ڪجھ، خط لکيا هئم، محبت ڀريا خط
چند ملاقاتون ۽ پيار جون رهائيون.
بس، اهو ئي آهي تنهنجو سرمايو نه؟
پر اهي سڀ وقتي ڳالهيون هيون.
درحقيقت ان وقت مان پيار جي ٻڪي هيس. مونکي
هڪ چاهڻ واري جي ضرورت هئي، جو منهنجي جذبات
جو قدر ڪري ۽ منهنجي آرزوئن ۽ ارمانن کي تباهه ٿيڻ
کان بچائي ـــ مان تنهنجي ٿورائتي آهيان جو پيار جي
موت سان ڪئي.
مان ڪيئن چوان ـــ؟
ليڪن تنهنجو پيار هو، بي رس ۽ بي چس.
تڏهن به سچ پچ غنيمت هو ان وقت.
تون پنهنجي پيار کي ان منزل تائين پهچائي ٿي سگهئين،
ليڪن تون ان جو قائل نه هئين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

—۽ اڄ جڏهن صفوءَ اهو مونکي سڀ ڪجهه ڏنو جو
تون ڏئي نه سگهئين، تڏهن مون وٽ آيو آهين—
ڇا لاءِ؟
شڪوه ۽ شڪايتون؟
ڪنهن سان—؟
مونسان—؟
پر مان تنهنجي ڇا لڳان؟
تنهنجو مونسان ڪهڙو واسطو؟

نذير قاضي

—

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*.... هن جون اکيون ڏاڍيون عجيب هيون. دنيا ۾ عجيب عجيب اکيون آهن. کهنڊڙ اکيون، نچندڙ اکيون، چريون ۽ چلوليون اکيون ۽ مرڪندڙ اکيون. پر هن جون اکيون سڀ کان نراليون هيون. وڏيون، ڪاريون، بي چين ۽ بي آرام! ائين پيون چوڌاري نهارينديون هيون ڄڻ ڪنهن گم ٿيل شيءِ کي ڳولي رهيون هجن. ڄڻ طوفان ۾ ڦاٿل ٻه پکيئڙا آکيرو ڳولهڻ لاءِ ڦٿڪي رهيا هجن.

*.... هڪڙي نجوميءَ، هٿ ڏسي وڏي گنڀيرتا سان ٻڌايو هوم: ”توکي هڪ ڪنيا ملندي — دور ديس جي هڪ ڪنيا، جنهن جي اپار سندرتا جو تاب چندرما به نه جهلي سگهندو. هوءَ نيراني هيرڪان به وڌيڪ ڪومل ۽ گنگا جل وانگر پوتر هوندي. تنهنجو ان ڪنيا سان پريم ٿي ويندو، ۽ هن جو توسان، پر........پر اوهان ٻنهي جو ميلاپ ڪٺن ٿيندو. توکي مخالفت جي راڪشش سان منهن ڏيڻو پوندو. پرانت ۾ تنهنجو پريم سوڀارو ٿيندو ۽ توهان جو سنگم ٿيندو.

آغا سليم

* مون کي ياسمين وٽندي ڪانه هئي. ٻوٽ جهڙو ٻلو. ٿلهي متاري جهڙي ڏکي. باقي ثريا ته جهڙي ماڪ ۾ وهنتيل موتئي جو گل — ۽ گل جيان اڇي، سرهي ۽ نرم.
*... وهڻ ۾ ڪوئڻ ڪسوئڻ ته ڪو ثريا کان سکي. ڪلاس روم ۾ ائين شادابيءَ سان ويٺي هوندي ڄڻ ورڊس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورڊس ورٿ جي نظم Daffodils جون پُر بهار سٽون. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هيس ته مون کان پڇندي هئي. پروفيسر صاحب انهيءَ ڳالهه تان خار کائيندو هو ته ڪلاس جي سڀ کان سهڻي ڇوڪري ٿي، کائنس ڏي پڇي. هڪ ڀيرو دفعا پروفيسر صاحب ٽوڪيس به. مون به کيس چتاءُ ڏنو: 'ثريا – هي پروفيسر صاحب شايد ولين جو ڪردار ادا ڪري.' انهن ڏينهن ضرور ها پر هڪ ٻي سهڻي ڇوڪريءَ (ثريا کان گهٽ — تمام گهٽ!) کيس لفٽ ڏني — (پاس ٿيڻ لاءِ.)

* ياسمين جا هٿ مون تي رکيل هئا — تازي ڊبل روٽي جي سلائيس جهڙا — مون کان ثريا جا اسفنج جا هٿ وسري ويا. (اسفنج جا ته چٻيل هوندا آهن.)

غلام نبي مغل
(باهه ۽ برف)

* صاحب جو ٻڌي انهن ڇٽي پوندا هئا جيئن ڇيٽ ۾ ڦڪل پير جو وٽ.

* شادي ڪٻي آهي سکي زندگي گذارڻ لاءِ، پر مون شادي ڪئي آهي عذاب سهڻ لاءِ.

* هر انسان پنهنجي ننڍپڻ ياد ڪندو آهي، ۽ تمنا هوندي اٿس ته هڪ دفعو وري ننڍپڻ موٽي اچي، پر سمجهان ٿو شايد مان ڏي اهڙو انسان آهيان، جنهن ننڍپڻ جي موٽڻ جي ڪڏهن به تمنا نه ڪئي ۽ نه ئي ننڍپڻ کي ياد ڪري ڪي ٽڏا ساهه کنيم. ٽڏا ساهه ڪٿان به کڻان؟ ڪهڙو سک ڏنو هوم.

soorihsindhiadab

* شادي! ڪهڙو نه عجيب لفظ آهي. چون ٿا شادي پن هستين کي هڪ وجود ڪندي آهي. پر منهنجي ته شادي کان پوءِ هستي ئي ختم ٿي وئي آهي. هاڻ منهنجي حيثيت هڪ انسان جهڙي رهي ڪٿي آهي! هڪ مشين آهيان، جنهن جو ڪم آهي گهر جي هر گهرج پوري ڪرڻ، پوءِ اها گهرج ڪهڙي به طريقي سان پوري ٿئي.

* جنهن زندگي ۾ فقط ڏک، فڪرات ۽ ذهني مونجهارو ۽ پريشانيون هجن، انهيءَ زندگيءَ سان پلا مون کي ڪهڙو پيار ٿي سگهي ٿو.

* شادي ته هڪ عذاب آهي، لاڳيتو عذاب. شادي هڪ اهڙو ڦاهو آهي، جنهن کي ڳچيءَ ۾ وجهڻ سان انسان مري ڪونه ٿو. فقط گهٽبو رهي ٿو، هميشه هميشه لاءِ. اها گهٽ موت کان وڌيڪ اذيت ناڪ ٿيندي آهي.

طارق اشرف
(سينهن ۾ باهه)

* ڪنهن چيو ته فلاڻي صاحب تنهنجي ادبي تخليات تي تنقيد ڪئي آهي. مون پهاڙ تان هيٺ ڏٺو. هڪ وڇون، پهاڙ جي پيرن وٽ هڪ پٿر کي ڏنگي رهيو هو. پهاڙ خاموش هو. اڏول هو.

شيخ اياز

* سنڌ جي اونهاري جي منجهند سياري جي اڌ رات جهڙي ويران هوندي آهي.

* عورت کي الجهائڻ جو بهترين طريقو آهي، سندس تعريف! پل ته عورت ڪٿي پڙهيل هجي يا جاهل، سادي

هجي يا چالاڪ. گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئل هجيس يا پيامي، تعريف ۾ سارا هم جا ۽ ٻول سنڌس پيرن ۾ نير وجهي ڇڏيندا.

* اڱڻن جي جنهن جبل کي ڍال سمجهيو هئائين سو آتش فشان ظاهر ٿيو.

* تصور خزان جي سڪل پنن وانگر ورهن جي واچوڙن ۾ ڦٿڪڻ لڳس.

* جوانيءَ جي روانيءَ کي نه ذات روڪي، نه دين ڌرم ڌيرج ڏئي.

* عورتن جي معاملي ۾ خبردار رهندو هو. اڱڻن ڪان واقف هو. ڪاليج ڪان وٺي پاڙي جي جوان عورتن تائين ڪابه عورت سنڌس چار سان نڪري نه سگهندي هئي. عورت کي ڦاسائڻ لاءِ يا راضي رکڻ لاءِ هن جا پنهنجا طريقا هئا. آزمايل نسخا هئس، راهون سجاتل هيس.

* ابابيلن جو شڪار تير ڪمانن سان نه ڪبو آهي.

* اکين ۾ جهاتي پاتائين ڇڻ اونهي ساگر ۾ ٻڏي ويو.

* شاهوءَ هڪ ڏي سوال سان ماٺي پاڻيءَ جي اونهائيءَ پر کي ورتي هئي.

* شاهو بحري قزاق وانگر هوا جي رخ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

اهرجليل

(ڌرتيءَ جي ڌوڙ، آسمان جا تارا)

* سنڌس 'جاڪار' مزورن تان مصيبتون دفع نه ڪندي آهي. پر مزورن کي ڪاميابيءَ سان دفع ڪري ڇڏيندي

* محنت ڪان وڌيڪ وڏي خيرات آهي.
* ”اسان مالڪ آهيون ۽ پئسو ٻه اسان سيڙايون ٿا.“
—”اسان زندگي سيڙايون ٿا. اسان ڪپڙو ناهيون ۽ اٽيون ٿا پراسان جا ٻچا اگهاڙا آهن.“ مزدور جي مهندار جواب ڏنو.
* هڪ ياد ذهن جي ڳڙکين کي کوليندي هلي وئي.

امر جليل

(منهنجو دوست منهنجو دشمن)

* مون ڪان تڪو فقط گهٽيءَ جا ڪتا ڊوڙي سگهندا آهن. چورا ڪيئن ٿي پچي سگهيا.
* اسان جو مائٽ شڪارپوري آهي. چنگهن کي چنگهان، ڪتن کي ڪتان ۽ موٽرن کي موٽران چوندو آهي. ان ڏينهن جاڻ پيئي هيم ته هيٺ ۽ مٿينءَ سندَ ۾ 'ٿـون ۽ ٿان' جو فرق آهي.
* ڪنَ ڏڪائي جـا ڏيا، ڏند مترڪي جهڙا، نڪ قتل انگور جهڙو، اکيون مٽيري جهڙيون، قد جو ڪمند، جسم جو ڪانو، منهن انب جي چوسيل ڪکڙي. پاڻ کي ڪليو ڪلاڊيو دليپ ڪمار سڏائيندو آهي.

امر جليل

(چرپٽ ۽ ڪلفي)

* محموده جا ڳل پرپل هتا جڻ ڪنهن وڏي چمچي سان هلڪي گلابي آئس ڪريم پري، ڪنهن پليٽ منجهه اونڌي ڪري لاٿي هجي.

غلام نبي مغل

* اج هن جا اهي لفظ ٻڌي منهنجي چپن تي مرڪ اچي وئي، جڻ سڀئي غم منهنجي اکيان سجدي ۾ ڪري پيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا ۽ مون هنن تي فتح پاتي هئي. **آغا سليم**

* اسلم اهــڙو لوهه بڻجي چڪو هــو جنهن تي هزارين آڪسائيڊس چڙهيل هئا جن کي هوءَ پنهنجي ڳوڙهن سان به ڌوئي نٿي سگهي! **رشيده حجاب**

*....پر اڄڪلهه جي زماني ۾ ڊالـڊا گيهه ۽ آمريڪا جي سڙيل ڪڻڪ کائي کائي ماڻهن جو پتو اهڙو نه ٻڏي ويو هو جو صداقت وفا وغيره نه آثار قديمه جـي چيز سمجهي هنن ميوزيم ۾ رکي ڇڏي هئي.

* منهنجي سامهون هنن جـا رومـان چند جيان چوڏهينءَ جو جوڀن ماڻي، اماس جي اونداهين ۾ بيوه ٿي ويا هئا. **ثميره زرين**

(کجور جو وڻ)

* هي دل جا دليل ۽ خلوت جا خيال آهن جي جيئن زبان تي چڙهيا آهن تيئن سنئون سڌو سپڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيا ويا آهن.

* زبان تي ٽهڪ مگر دل ۾ درد اکين ۾ آنسو اٿس.

* جاڏي ڏسن ڏيري تاڏي پاڻين ڦيري. **عطا حسين موسوي**

* مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان، مـان ڪيڏو نه نادان آهيان. وقت تي هڪ نهار وجهي، ٻه وکون تڪڙيون کڻي ڪانئس اڳـ گوهه کڻي چاهيان ٿو، مان آهيان چاــ ڌرتيءَ تي ڦهليل اڻ ڳڻيل چرپر جو هڪ ساٿي. **حميد سنڌي**

soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

*...."انجم، تنهنجي ناراضپي منهنجي جذبن کي مجروح ڪري ڇڏيو آهي. مون کان انتقام وٺڻ لاءِ، تو شادي ڪري ڇڏي آهي. واه، تنهنجي خوديءَ جو ڀرم! جـذبات ۾ اچي، تو وساري ڇڏيو ته دراصل اڻين ڪرڻ سان ٿي تون پنهنجي خوديءَ کي ختم ڪري رهي هئينءَ. تو خـود ٿي ته لکي آهي اها ٿي ڳالهه ته هاڻ تون شاديءَ کان پوءِ پڇتائي رهي آهين. يقيناً هـاڻي اسين ڪڏهن بـه هڪٻئي سـان ملي نٿا سگهون. شادي سماج طرفان جسمن جـي ميلاپ جـو هڪ اندو سرشتو آهـي، جنهن ۾ ذهني ۽ روحاني ميلاپ کـي اڪثر نظرانداز ڪيو ويندو آهي. اسان جي جدائي جسماڻي آهي، ذهني ۽ روحـاني طرح اسين هميشه ملـيل رهنداسين. تون ڪٿي بـه هجين آءٌ ڪٿي بہ هجان، اسان جو پيار قائم آهي، اچ ته پنهنجي پنهنجي جاءِ تـي، پنهنجي نئين نسل کـي محبت جـي پرورش بخشون، ۽ ان طرح پنهنجي پيار کي امر بڻايون."

عبدالحق عالماڻي
(محبت جي منزل)

* ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ معلوم ٿيو ته رسالي جـي اڇـي ۽ سٺي پني جا سورنهن صفحا مفعول جـي ذڪر لاءِ رائيگان ٿيا. تهذيب جـو ڏيوالو نڪتو. بداخلاقي ۽ بي ادبـيءَ جو پرچار ٿيو ۽ سنڌين جي غيرت کي للڪار ٿي. چا ڪتابي سلسلي جا منتظمين اهڙي بـي ادب ڪهاڻي ڇاپڻ تي پاڻ کي مبارڪ باد جا مستحق ٿا بڻائڻ چاهين. **آغا شهاب**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* انسان سدائين هوائي قلعا اڏي، پنهنجو پاڻ کي وندرائيندو رهيو آهي.
* آسمان ۾ تارا ڪنهن کيت ۾ ڪپهه جي ٽڙيل ڏينن جيان جڳمڳائي رهيا هئا.

ابن حيات پنهور

* مغربي تهذيب جو قبو گهر جي آرام ۽ سڪون جي قبر تي ٺهي ٿو.

خالده ميمڻ
(ناهيد)

* الا هيءُ ٻه ڪوڏي نه چري آهي. جنت دلين جا پيوند ۽ پيچ، ات نالا ڇا ڪندا.
* منهنجي پونجي، منهنجي اڄ تائين ميڙيل ميرات آهي ـــــ ڪي اڌورا امنگ ۽ ارمان، ڪي اڌوريون ڪهاڻيون.
* مان ٿو ڪي صديون کان سڃاڻان. ازلون تنهنجي مرڪ جي آس تي پيو جيئان.
* دل ۾ خيال آيم ته مٿان چوي ته آءٌ سندس خوشيءَ ۾ ارهو آهيان، مٿان چوي ته آئون خود غرض آهيان، رڳو اکي چاڻان، پوڳي نه چاڻان.

اقبال جتوئي

* سنڌ ۾، جو قديم مسلمان خاندان اڪثر زبوني‌ءَ جي حالت کي اچي رسيا آهن، تن جو هڪڙو وڏو سبب هيءَ آهي ته محنت، ڪشالي پورهئي، ڏنڌي، ڪسب ۽ هنر کان هنن کي عار ٿو اچي ۽ علميت فضيلت ۽ لياقت حاصل ڪرڻ بدران رڳو پنهنجي وڏ ماڻهپ ۽ پيءُ ڏاڏي جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فضيلت ۽ لياقت تي فخر ڪري، خراب حالت ڪي اڇي رسيا آهن.

اجمل بيگ ق. مرزا
(ساڱو پن پاڪارو پنو)

* منهنجي ڇيل ڳالهين تي شڪ يا تعصب سان نه همدردي سان سوچيو وڃي.

طارق اشرف

* جيستائين جرئت ۽ ايمانداري جو سوال آهي، امرجليل جو ڪوبه ثمث ڪونهي.
* اعمل ۾ ترقي پسندي جي معني آهي تاريخي اوسر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل سماجي شعور جو اظهار.
* ڪوبه اديب، شاعر جيڪڏهن عوامي شهرت کي معيار بڻائي ادبي پرک کان منڪر آهي ته پوءِ مون کي يقين آهي سندس تخليقي صلاحيتن جو انت ڪو پري ڪونهي.

نبي بخش ڪوسو

* گندي ۽ گراهه، جن سنياسين ساڻيو
انهن ڪان الله اڃان آڳاهون ٿيو. — (شاهه)

پر اوهان سڀني کي معلوم آهي ته هن دور ۾ اهي ٺهي شيون هر انسان لاءِ ڪيتريون نه ضروري آهن. هلندڙ زماني جي حالتن زندگيءَ کي سوچڻ ۽ سمجهڻ جا قدر ۽ ماپا ئي بدلائي ڇڏيا آهن. هن دور ۾ هر انسان اهو چئي رهيو آهي ته اٽو لٽو ۽ اجهو پهرين کپي، هن نعري ۽ للڪار نه فقط عام ماڻهوءَ کي متاثر ڪيو آهي، پر هن وقت جا دانشور، سخنور ۽ سياڻا به زندگيءَ جي بدليل حالتن کان متاثر ٿيا

آهن. شيخ اياز جو هي شعر منهنجي هن دعويٰ لاءِ لا ثاني دليل آهي:

سدا آهي ساهہ ڪيءِ ڳهي جي ڳولا،
ڏيو بنا ڏيولا، ناهي ساڃاهہ سونهن ۾.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

* بابا کي منهنجي سياسي ۽ سماجي نظرين سان اختلاف آهي پر ڪالهہ بابا جو پيءُ وارو رشتو ۽ جذبو سيني اختلافن تي حاوي پئجي ويو. مون کي ڏڏڪو آيو ۽ ياد آيم ۽ احساس ٿيو تہ مان رڳو ليکڪ ۽ قومي ڪارڪن ئي نہ آهيان پر پٽ پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس وغيره بہ آهيان. جهٽ لاءِ هانءُ هاري ويٺس پر پوءِ يڪدم پاڻ سنڀالي ورتم. اڪيلي واري سوچ تي سڄي قوم جي اجتماعي سوچ ۽ فڪر کي حاوي ڪري ورتم.

رشيد ڀٽي

* بندشون ۽ پابنديون ادب کي نئون روح بخشينديون آهن.
* زنده قومن جي ادب تي جمود طاري نہ ٿيندو آهي. وڏو ۽ اهم ادب قومن جي ڏکئي ۽ آزمائشي دور ۾ پيدا ٿيندو آهي.
* هڪ ليکڪ جي حيثيت سان آزاد آهيان. اها آزادي برقرار رکڻ لاءِ مون سڀ ڪجهہ گهوري ڇڏيو آهي. مان پنهنجن نظرين مطابق بلڪل آزاديءَ سان لکندو آهيان.

امر جليل (انٽرويو)

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ڪٿا منجهه قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳالهه فراق جي ڪيا ڏارون ڏار
نجهاڻا پيهار ڪير ملندا ڪن سين.
* تو جنين جي تات تن پڻ آهي تنهنجي
'فاذڪروني اذڪرڪم' اڃ پروڙج بات
هت ڪاتي ڳڙ وات پچڻ پر پرين جي.
* ٽڪ ونگي ور گهٽا ڪتيان ڪجهاڙو
ڪاپي تان ڪيترو آڻيان آڏارو
جي ور ڏٺي وارو تہ سونهان سرتين وچ ۾.
* اچو سورن واريون ڪريون سور پچار
ڪنين ٿورا ڪنين گهڻا، ڪنين لک هزار
ڏنا جي ڏاتار، سي مون جهولي پاڻي جهليا.
* سيوا ڪر سمونڊ جي جت جر وهي ٿوجال
سڻين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال
جي ماسو جڙيئي مال تہ پوچارا پٽر ٿئين.
* سنا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي اهڙي
تو جو ساڙيهہ پانيو سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.
* وڃين چو وڏڪار هت نہ ڳولين هوت کي
لکو ڪين لطيف چئي، پاروچو پئي پار
تي ستي پڌ سندرو، پرت پنهل سين پار
ناڻي نيڻ نهار تہ تو ۾ ديرو دوست جو.
(شاهہ)

* تون سمون آئون گندري مون ۾ عيبن الڪ
منهنجي هن حال جي توکي سڀ پرک
ڪارڻ رب الڪ متان ماڳر مٿيين.

* ٽانگهي ۾ ٽاٽي ٻڌ پنهنجو ترهو
اونهي ۾ آئي ڪون، ڏيندءِ ڪو ٻيو.

* ڪڏي تير ڪمان مان ميان مار م مون
مون ۾ آهين تون متان تنهنجوئي توکي لڳي.

* ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آءُ اڳ ڏکوئي آهيان
ساريان ڪونہ سڪوءِ سور گهٽيئي سنيران.

* تني ٽڏي ڪام، ڪانهي ويل وهڻ جي
متان ٿئي اونداھ پيرن لهين پرينءَ جو.

* ڪنين ماضي مَن ۾ ڪنين استقبال
حيف تنين جي حال ڪي جن وساريو حال کي.

* الله اچن اوءِ جن آئي من سرهو ٿئي
پسان مان پر ڪنهين جٺن سندي جوءِ.
گولي تيان گل بوءِ، جي سڄاڻان سات ڏئي.

(شاهہ)

* اکيون ۽ مينهن ٻئي نہ، اکر هيڪڙي
هو موسم جو محتاج ٿيو، هي وسن راتو ڏينهن
هن ۾ نرجا نينهن هو طالب! وسن وقت تي.

طالب المولي

* ڇو ٿو ڪرين مينهن مون سان ريس رڻن جي
طالب المولي سان ڪيا ٻيلي ناحق وڏا نينهن

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجا ۽ ٿي ڏينهن، منهنجي موسم سڀ ڪا.

طالب المولي

* آڌون ته توسان آهيان گڏ
تنهنجو هاڻ ۽ تنهنجو هڏ
سڏ، پڙاڏو ساڳي ڳالهه
تنهنجو سڏ سو منهنجو سڏ.

استاد بخاري

* اڄ اڄ پيار ۾ ويهه تون ٻول مٺا ڪي ٻول
منهنجي هردي ۾ ڪو پاؤ- سمندر ڇول.
* وڻ جي سيتل ڇانوَ ۾ ويهي ڪريون ورونهن
تون پيءُ منهنجا سُر مٺا ۽ مان تنهنجي سونهن.
* مون کي ماري تو سگهي، ڪين ڪڏهن پي ڪال
منهنجو آد نه انت ڪو، تيئن نه آهي زوال.

هاسا رام پيئڙا

* هو وقت تو سڏي پيو،
هي يار تو اچي پيو،
بيهان، وڃان، ڪريان ڇا،
بيٺو پڇان تران مان.

استاد بخاري

* ڪنگهو ۽ ڪرڪو، جيئرا آهيو يا مئو؟
ڏاڍيان ٻولي ڏوه جي، هوريان ٿي پڙڪو
سگها ناهيو جي اگها، ڪنجهو ۽ ڪڙڪو
ماري تو هي مات جو، اندر ۾ الڪو

سائيٽرا سڏڪو، ٿهڪ، ڪاپيو جي نه تا!

استاد بخاري

* هيل بسنتي رت جي آئي لال ليار پٽيندا سين
ميرو سيرو قاتل سائل، جهول اسين ڀرجهليندا سين.

امداد حسيني

* اونداهين جي بند ۾ ٻانڌي،
نند نهوڙيو اوڙو پاڙو،
تڏهن آءٌ اڏيان ٿو ويهي،
پنهنجن وهمن جو منت ـ ماڙو.

ذوالفقار راشدي

* جا شيءِ پنهنجي وس ۾ ناهي
تنهن جي ڪهڙي تات ڪجي.

بشير موريائي

* اڪيلي اڪيلي ۾ دنيا اسين،
۽ ميلي جهميلي ۾ تنها اسين.

امداد حسيني

* وڻي رڻ ۾ ٿي روشني، جو اوهان،
پرين! مک تان پڙدا، هٽائي ڇڏيا.

اطهر مگسي

* جڳ جي ليکي مان آهيان راڳي انوراڳي،
ليڪن منهنجي من ۾ وٺو آ ويراڳي.

گورڌن ڀارتي

* ڪي پڪا گهڙا، ڪي ڪچا گهڙا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ سون مثل ڪي سچا ڳهڙا!
تو جوڙي جوڙڻهار
سيءُ کهڙو آ ڪنيار.

گورڊن پارتي

* تون ساگر ۾ مان بوند، پرين!
تون راڳ، مٺو، مان گونج پرين!

گورڊن پارتي

* منهنجي ڳوڙهن جو پلا وس ڪهڙو
تنهنجي ڇاتي ڏي ڌريلي آهي.

وفا ناڻن شاهي

* هڏڪي هير نه آهي مون کي
جيڪر ڪنهن ته سنڀاريو هوندو
ٿوري ڳالهه تي هيڏو هاڃو
تون ته بنهه ڪو پورو آهين.

پردو

* لوڪ سمهي پيو
تون به سمهي پئو
چنڊ چريا.
ڪو اڃئو ناهي.

انور پيرزادو

* جاني ءَ ري هن جڳ ۾ انور
جي به جيا سي جاڙ جيا.

انور پيرزادو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* دل جي داغن مان اڇي ٿي خوشبوءِ
هن وري ياد ڪيو آ شايد.

بشير مورياڻي

* ڏوليا مارو ڏيٺ ۾
ٿانگر ٿانگر ٽولڙي — ڏوليا مارو ڏيٺ ۾.
پينگهن ڏورا پٽ جا،
لوڏيان ڳايان لولڙي — ڏوليا مارو ڏيٺ ۾.
آئي رت گلاب جي
جرڪ تہ منهنجي جهولڙي — ڏوليا مارو ڏيٺ ۾.

تاجل بيوس

soorhsindhiadab

* هتي جا پيار ڀريا سڀاجهڙا ماڻهو، پيارا پيارا گيت، مٺڙا مٺڙا گيت، سهڻا سهڻا ناچ، سهنج ـ سنوان ڪوٽ، وهيون، واهڙ ـ هي ٺٽو، هي بکر، هي اروڙ، هي موهن ڪوٽ، هي برهمڻ آباد، هي لڪيءَ جا جبل، ٻيٽ، هالار، اڇا ڪارا جبل، هي ساگر، هي سمنڊ، هي درياءَ، هي ٻيلا، هي ڪائنات جا بي مثال تحفا ۽ هي مٺڙي سهڻي سولي آسماني سنڌي ٻولي، هي مسجدون، هي مندر، هي مٺ هي راڳ هي ويراڳ، هي سماع، هي صوفي، هي ويچ، هي پورهيت، هي اوڏ، هي استا، هي ڪمي هي ڪاسبي، هي هاري ناري، هي لوهار، هي واڍا ـــ هيءَ منهنجي ملوڪ سنڌ ڇا ڪڏهن به ڌارين کان آزاد ڪانه ٿيندي؟

* سنڌن دلين ۾ آڇاتو ڊپ هو، ڀؤ هو، ۽ ان سان گڏ ڪي آسون اميدون ۽ ڪجهه آسرا هئا.

* سوڊيل هونئن ئي گهٽ ڳالهائيندو هو، جيون ڪي سائنس ڳالهائڻ لاءِ وجهه گهرڻو پوندو هو ته جيئن اجايو ڳالهائڻ تي ڇڙٻ نه ڏئي ڪڍي.

سراج ميمڻ

(ٻڙاڏو سوئي سڏ)

* ڪي ماڻهو 'اهم ماڻهو' جي ويجهو ٿيڻ جي هرڪا ڪوشش ڪندا آهن.

* هن رشيد جي طبيعت ۾ هڪ عجيب تشنگي محسوس ڪئي، گفتگو ۾ بناوٽي ٺاهه ٺوهه ۽ تصنع گهڻو هوس.

* اسان جو هڪ ٻئي تي پورو اعتماد هو، جيتوڻيڪ اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي دوستيءَ کي گهڻا لوڏا آيا ۽ دشمنن جا واچوڙا اٿيا، پر دل ۾ هميشه هڪ ٻئي لاءِ محبت رکيسين.

* اها کهڙي وينگس هئي جنهن جي وارن جي وانگوڙي ۾ هي وينجهار ونگجي وس کان ٻيوس ٿي پيو هو!

* امتحان ويجهو اچي چڪو هو ۽ ڪتاب ته هونئن ئي منهنجو منهن ڏسڻ لاءِ سڪي رهيا هئا.

عبدالجبار جوڻيجو

(زندگي آهي اشارن ۾ اسير)

* منهنجو (نه، منهنجو نه — اسان جو) گهر.

منهنجو (منهنجو نه اسان جو- مان وري وساريان ٿو. گهر تي اسان ٽنهي ڀائرن جو حصو، حق هو) گهر.

اسان جو (هيئنئر غلطي نٿو ڪريان) گهر.

* ٻه حصا هيڊروجن، هڪ حصو آڪسيجن ملائڻ سان پاڻي ٺهندو آهي. علم ڪيميا جو اهو اٽر اصول آهي. من جو پريم جو ڪوئي اٽر قاعدو ڇو نه آهي—؟

* ”تون رنگين ڪپڙا ڇو نه پائيندو آهين—؟“

”من منهنجو ڪارو آهي، اسان جي دونهاتيل رندڻي جي ڇت جيان. تن کي ان ڪري سفيد ڪپڙن سان ڍڪيندو آهيان.“

”۽ منهنجو من اسان جي گهٽيءَ جيان گندو آهي.“

گنو سامتاڻي

(زندگي کان موت تائين اونداهو ڪاريدار)

* آرٽ کي ڏسڻ جي صحيح نظر پاڻ کي Involve

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ٿي پاڻي سگهجي ٿي ۽ نه صرف اڳ ڏنل روايت ۾ پنهنجي راءِ جوڙڻ جي خواهش جي مدد سان.

ڪرشن راهي

* اڄ جو ڏکيو ڪم سچائي تي تارڻ ۾ جا راحت آهي، جا نجات آهي سا شدت سان ماڻي رهيو آهي.

* هڪ سوال: آيا ناول سنڌيءَ ۾ هو به يا مري ويو هو، جو هي دوست هن ڪي وري جياري رهيا آهن.

گوردن تنواڻي

(ادبي تاثرات)

* پاڻ جي حد ني پهچي، وڃائي وري پاڻ ڪٿي نه، اڻ ٿيٽي آهي.

* پوءِ به پٽي ڳالهائيندا ٿي هوندا. زبان سان ڪٿي نه، اکين سان. ۽ اکين معرفت دليون بهتر ڳالهائي سگهنديون آهن.

* پيار جي جنگ ۾ سڀ روا آهي. جنگ ڏڪار جي پيدائش آهي ان ۾ سڀ ڪجهه روا آهي. پر پيار؟ اهو ته ڏڪار جو ضد آهي. تنهن ڪان سواءِ پيار انسان جو سڀ ۾ سٺو جذبو آهي. ان ۾ سڀ ڪجهه روا نه آهي، ٿيڻ به نه گهرجي.

گوبند مالهي

(پيار جو ڏڪندو)

* پهريون قدم پرش ٿو کڻي پر اهو ڪنهن سوچيو ٿي ڪونهي ته ان کان اڳي جو مبهم ۽ چنچل قدم استري

ٿي ڪٽي سو ڪيترو نہ ڀلوان ۽ خطرناڪ ٿيندو آهي.

منو ٿولارام

(پريم جو چوڪنڊو)

* ذهن ۾ ماضيءَ جا ڪئين واقعا اڀرڻ چاهين ٿا پر مان ڪنهن بہ ويچار کي اسرڻ نٿو ڏيان. ماضيءَ جي هر ياد ڪان مون کي ڀؤ ٿو لڳي.

* مسان يا قبرستان جو خوفناڪ ماحول سندس دل ۾ خوف پيدا ڪرڻ بجاءِ کيس سڪون بخشيندو هو. ٻالپڻ ۾ ٿي چڻ ڪنهن ويراڳيءَ اچي سندس من ۾ واسو ڪيو....

گورڌن محبوباڻي

* (فلاڻي) جي ڪهاڻي ـــ ساهت آئينو ضرور آهي پر اهو آئينو ڳالهائي بہ ٿو. نصيحتون بہ ڏئي ٿو، آدرش بہ ڏئي ٿو. هونءَ اپديش ۽ آدرش ڪا خراب ڳالهہ ناهي پر ساهت ۾ ان جي ضرورت بہ آهي ـــ؟ زندگي ۾ ٿي سگهي ٿي، پر اهو ڪم ليکڪ، هڪ سماج سڌارڪ جيان پنهنجن ڪلهن تي ڇو کڻي؟ پوءِ ليکڪ ٿي پاڻڪن ساهون ڇو اچي ـــ؟

وشنو ڀاٽيا

* واسنا....ڪڏهن بہ ٿڌي ٿيڻ جي ڪونهي، يارو! هي جواني ۽ پيداپي جا ماپا فضول آهن.

* ڪنهن زماني ۾ عجب جي نشانيءَ تي عجب ڪائيندو هوس تہ ٽيڪي مٿان ليڪ اٽڪندي يا ليڪ مٿان ٽيڪو. ليڪن تڏهن ٽيڪي جيڏو هوس هينئر تہ ليڪ جيان لنبو آهيان.

شيام جئسنگهاڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* گاڏيءَ جي رفتار کان تيز هن جي ويچارن جا ڏيا ڊوڙي رهيا هئا.

* مون کي مان نہ وڻندي آهي. مان مونکي هميشہ مسان جيان پاسندي آهي.

وشنو پاڻيا

(ڪانٽز)

* دوستي وقت جا ويڇا اورانگهي سگهندي آهي، پر ڪڏهن بہ ذهني ويڇا اورانگهي نہ سگهندي آهي.

* هن زندگيءَ جي سراءِ ۾ اسين سڀ مسافر آهيون، ۽ اسان کي هيءَ سراءِ ڇڏي هلڻو آهي، پر اسان کي گهر جي تہ جيتري دير بہ هن سراءِ ۾ رهون هن کي سينگاريون ۽ سنواريون جيئن پيا مسافر اچي سک ماڻين. ڪا اهڙي ياد، ڪو اهڙو آدرش ۽ ڪو اهڙو خواب ڇڏي وڃون جيڪو هن سراءِ جي سونهن ۾ واڌارو ڪري.

* اسان زندگيءَ جي بي معنيٰ ڊرامي ۾ غلط پارٽ ادا ڪري رهيا آهيون.

آغا سليم

(خواب جو سورج)

* ڪيس سونهن جي تلاش نہ هئي، ڪيس پيار جي تلاش هئي.

* پر هو پوري ريت پڌائي نہ سگهيو، صرف محسوس ڪري سگهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* پر دل تي ڪنهن جو وس، تقدير تي ڪنهن جو زور.

طارق اشرف
(يادن جي سهاري)

* سچ چوندي بار رسي ته پيل رسي. ڦٽي ڏيندي مٿو ڪسي ته پيل ڪسي.

* جنهن ڪي ساراهه پڌڻ لاءِ سؤ ڪن آهن تن ڪي گلا پڌڻ لاءِ هڪڙو ڪن به ڪونهي.

* ڪبير ڪنهن جو نقصان ڪيو هو؟ پلا حاسد انڌيءَ مان ڏريا؟ سنت ڪور ڪنهن جو ڇا بگاڙيو هو؟ پلا ڪيس ڇو شهيد ڪيو ويو هو؟ مهاتما گانڌيءَ دنيا جي ڪليان واسطي پيدا ٿيو پوءِ ڪيس ڇو گوليءَ جو شڪار بڻايو ويو؟ شاهه بلاول کي ڇو گهاڻي ۾ پيڙايو ويو؟

* شمس جهڙا درويش کلون لهرائي ويا ته به اُف نه ڪيائون ڪرو ارجن ديو جهڙا ماڻهو تتل ڪڙاهيءَ ۾ پئي به ”تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي“ چوندا ويا، ڪرائسٽ صليب تي چڙهندي به پنهنجي دشمنن کي دعائون ڏنيون ۽ تون ويٺو ننڍڙين وڏڙين ڳالهين جو ويچار ڪرين. ياد ڪر شاهه عنايت جو ڪلام ”سر يار جي قدمن ۾ فدا ٿيو ته ٿيو ڇا_؟ هي بار هو بار ٿي ادا ٿيو ته ڇا ٿيو؟“

* ايرڪا (ساڙ) جو خيال ئي ٿيئي ته مشهوريءَ جي مرض کان پاڻ آجو ڪر.

رام پنجواڻي
(آئيني جي اڳيان)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*....اڄ مان مٿن جو ذڪر ڪريان، گريس جو ائٿينس، اٽلي جو روم آهيان. ڪٿي آهيان. مون ۾ چارا آهن. ڪوريئڙا آهن. مان ننڍو پيو آهيان. مان وڏو پيو آهيان. مان چين جي ڊگهي ديوار، مصر جو شاهي مقبرو آهيان.

موهن ڪلپنا

* مهمان ۽ ميزبان جي ڪن روايتن ۾ اڄ ان منهنجو وشواس آهي.

* "اڳين تون پنهنجو پاڻ کي غير واجبي اهميت ڏئي رهيو آهين. تون هرويرو ايڏي اهميت جي لائق ناهين...."

ايشور چندر

* جيڪي ڪجهه لکيو اٿم، منهنجي پنهنجي سرجيل چيز آهي. جيئن ماتا کي پنهنجي ٻالڪ لاءِ ممتا ٿيندي آهي، تيئن مون کي به پنهنجين رچنائن سان پيار آهي ۽ انهن تي فخر پڻ اٿم، نه ان ڪري ته منهنجيون چيزون سٺيون آهن پر ان ڪري ته اهي منهنجيون پنهنجيون آهن.

پوپٽي هيرانندائي

* اسان ميڙني جون قسمتون ڪنهن ٿرڊ ڪلاس قيمت جون ساڌڪلو اسٽائيل ٿيل ڪاپيون آهن. تماڪ اوڙر تي، چانهه، دوستن تي، ماني گهر ۾ ـــ اها جي قسمت آهي ته اهڙيون قسمتون مان هڪڙي ڏينهن ۾ هزارين ڏاهي سگهانٿو.

* بيلفاسٽ (برطانيه) ۾ منهنجو ڌيان ڪولهٽين ڏي چڪائيندي جيڪي نونٽيون شرلاڪ هومز مونکي ڏنيون هيون، تن مونکي بيمار ڪري ڇڏيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* شرلاڪ هومز گنيپرتا جو ديوتا ۽ شانتي جو پنڊار هو، جنهن هڪ پيري مون کي چيو هو ته "پنڊار جي معنيٰ به اچيمي ٿي يا اٿين ٿي پنڊار پنڊار چوندو وتين؟"

* منهنجي خيال ۾ ايتري بڪ ڪوڙ آهي.

* پائڪ جي من ۾ هڪڙي ليڪڪ جي من ۾ ابي.

* مون شرلاڪ جو چهرو پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر پڙهي نه سگهيس جو جيڪي لکيل هو سو شايد فرينچ يا رومي ٻوليءَ ۾ لکيل هو.

* مسز شا جو برف جهڙو اڇو هٿ برف جهڙوئي ٿڌو به هو جو شايد ريفريجريٽر مان ڪڍي آئي هئي.

* مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. اهي ٿيا به پاسا. پوءِ مون ٻين ٻن پاسن ڏي ڏٺو. ڇٺين پاسي ڪوبه نه هو.

* شرلاڪ هومز جي، ڇهري تي گهڻو وقت گنيپر رهڻ ڪري گنيپرتا جا نشان پئجي ويا هئا.

* هوءَ اڏين ڪائي ويندي آهي جو مڙس کي زال جي اوڳرائي جو آواز به ٻڌڻ نصيب نه ٿيندو آهي.

* اوپاسي به عجيب شيءِ آهي وانسن، جوجي محبوبه ڏئي ته ادا آهي جي پنهنجي زال ڏئي ته عذاب آهي.

حليم بروهي

(مسز شا وارو ڪيس)

* هوءَ ڇپاڙيل اخبار جا ٽڪر ڳنڍي پڙهي رهي هئي.

* ڪجهه بسڪيٽن جا ٽڪر هيٺ گلم تي ڪريا جيڪي علوءَ ماهه ميڙي ڪٺي ڪوهه جهڙي وات ۾ وڌا.

soorhsindhiadab

* رئيسائي جنهن جي منهن تي ڪجهه دير پهرين رسمي خوش اخلاقي هئي سو ڦري نر ڦوڙو ٿي پيو.
* ملڪيت پٺيان سرڙو ٿو هي ٻر ڏنئي.
* آهي ٻه توهان جي شريڪيائي، منهنجي ڪـا سائس ربي ڪا خريفي.
* پر پـوء دل ڏي دل ۾ ڪو حساب ۽ ڳڻپون ڪري سامت جو ساهه ڪنيائين ۽ بليڪ اينڊ وائيٽ ڪشن وارو چيچاڙي ٻوڙن سوڙو رڏڻي ۾ ڪاهي پيو.
*...."۽ مون ڪي تو جهڙي مضبوط زال وٽندي آهي." "۽ مون ڪي تو جهڙو مٺيادار آدرشي مرد، بهادر ۽ سگهارو.... جنهن جي پير جهڙي ٿڌي ڇـانو ۾، مان سڄي حياتي ٿڪل مسافر جي اگهور ننڊ جيان گذاري ڇڏيان."
* دلبر، هاڻ سُر ۾ اچ، ڇڏ پرائي پچر، ڪي قرب جون ڳالهه ون ڪر.
* انهيء جواب هن کي ڪوري نڪر جيان نارِي رکيو.
* ڪيس جان عالم جي طوطي واري شهزادي وانگر، ڪيترن ئي مرحلن مان گذري پار پوڙو هو، سو صبر سان ڪن ڏيو پيو هو.
* چندو چندي کي ڳولهي لهي، جي بنيادن تـي پراڻي شناسائي هئي.
* ڪنهن جي زور تي اهڙو شنگ ٿي پيو آهين جو وٽ گهوڙو نٿو ٻڌين.
* ڪيتري دير تائين ذهن جي اسڪرين تي سرپرائيزنگ

ميوزڪ جي گونج ۾ هن سان گهاريل گهڙيون اپرنديون ۽ ٻهنديون رهيون.

* هاڻ سون جو ڳنڍيو ٻه ٽي پوين ته مون لاءِ گلٽ آهين.

* گڏهه جي لت کان هاٿيءَ جي لت وري به چڱي آهي.

* ڪريان ٿي ڪيهه، ته مڙي ويندا ٽيهه.

* پر اسان جي وچ ۾ ڪڏهن به ذهني هم آهنگي پيدا نه ٿي سگهي هئي، ها.... ان کان سواءِ ٻي ڪا هم آهنگي ڪابه حيثيت نٿي رکي.... اهوئي ڪارڻ آهي جو ساڻس سمجهوتو ڪري نه سگهيس ۽ هوءَ مون سان وفا نه ڪري سگهي.

* مان پيار ۾ ڪي حساب ليکا نه ڄاڻان. تون ڪنهن جي به پلوءَ ۾ پڏل هئين. ڪنهن سان به وعدا ڪيا هئا. مان اهو وساري ڇڏيندس، پر هاڻ تنهنجو تن من منهنجو هوندو. جيڪي به پهر گهڙيون مون سان گهاري سگهندينءَ اهي منهنجا هوندا....

* "الله وڏي حياتي ڏيندو چاچي کي." ائين چئي هن چڙ چاچي وارو چيپٽر بند ڪرڻ چاهيو.

* ترميم سان ٻيهر دعا ڪيائينس: "الله پنهنجيءَ هلندي هلائيس."

"ها....آ....آ...." سوپيءَ ٿڌو ساهه کنيو، جنهن ۾ سوين سور هئا. اهو سور ڇا گهٽ هو ته سندس مڙس اڃان جيئرو هو.

* اڄي ڪهڙيون خوشيون.... ڏسين نٿي ڪري پاڳا ٿي وئي آهيان.

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* پيٽ اچئي ڪونہ، انئين ڏينهن سڪي ڦوهڙي.
* رڪو نٽ، پاڻي ڪجل اکين ۾ وجهندي هئينءَ تہ سچي سچ ۾ چڻ ڦڻ ڪيڏيو وڻي هوندي هئينءَ.
* سوپيءَ الوداع، الفراق قسم جو ٽڏو ساهہ کڻي چيو، ”وري الائي ڪڏهن دلين جو ميلاپ ٿئي.“
* حويليءَ جي خاص پانهي جافران جو ڪنهن زماني ۾ سائنس ريزڪي حساب ڪتاب هلندو هو.
* پوءِ دير تائين ڳالهيون مهاڙيون ڪري سڀ لوڪا چوڪا لاهي ڦان ٿي سمهي رهيا.
* چوويهہ ڪيرات سون جهڙي سدا سهڻي.
* نئين زال اچڻ تي ٿيئي پهاڇون ساڳي گريڊ ۾ اچي ويون.
* اسان ڪيچ ڪٿيو باقي اها ٿيٺمڪڙي اچي سونا آنالاهيندي.
* مٺي مڙهانگ ڪي تہ ڏسو ڪيئن نہ ڪانياٽيون ڪنيو بيٺي نچي.
* هن پنهنجا چپ چمٽي جيان وچائيندي چيو....
* سچيون ساريون سورهن جمعراتون چاڪيءَ جي ڏاند جيان هلي هلي وڏيرو ساڻو ٿي پيو پر نڪو ڪڙ نڪو تيل.
* اهي سڪڻا دلاسا پين ڪي ڏنا هوندءِ.

ماهتاب محبوب

(مٺي مراد)

* تنهنجي هيءَ حالت ڏسي، منهنجي نازڪ دل تي روسي ٽرنڪٽر ٽا بوڙن.
*....اي اختربن جا بهترين پيءُ، مون سٺ سال ڪنڌڪوٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان شڪارپور بس رستي سفر ڪيو آهي، ان جي باوجود به زنده آهيان.

*....هو وڏي واڪي ٻـاڪارڻ لڳو. رولو ڪـتـا، اڳيان مورچا ڇڏي بچاءَ وارن مورچن ۾ وڃي لڪا.

قمر شهباز

* سنڌي اصطلاح ۽ پهاڪا

آڳ قطاري ڏيڻ: گهڻو ڏيڻ، گهڻي سخاوت ڪرڻ.

آڳ پٺيءَ تي: سدا مسافر.

سو ڏاچيءَ جو سردار: وڏو ماڻهو.

ٻڪر ٻوساٽ ڪرڻ: زبردستي ڪرڻ.

ڏاڏاڙڪي ٻلي: ضدي.

شينهن جي ڪن ۾ هڻڻ: ڪنهن شيءِ جو اهڙي هنڌ هڻڻ جتان انهن کي حاصل ڪرڻ گهڻو مشڪل هجي.

گدڙ ڪوڪ: برادريءَ جو سڏ.

ٻاڙي جو ڏٿون: خوشامندڙيو.

واگهوءَ جي وات ۾ هڻڻ: سخت ماڻهوءَ جي نگراني هيٺ.

ڇاتيءَ تي ناڻگ ڦرڻ: ساڙ ٿيڻ.

ڏڏ وانگر ٽيڪڻ: لڳاتار گوڙ ڪرڻ.

پيٽ جو ٿلهڻ: نرم طبع وارو ماڻهو، نيڪدل.

پيٽ ۾ ڪپر پوڻ: ڍهيل ڪم ۾ رڪاوٽ پوڻ.

پيٽ ۾ ڪپر وجهڻ: ڪم خراب ڪرڻ.

مکڻ جي ماڙي اڏڻ: ناممڪن ڪم ڪرڻ.

اتو ٻڌي پٺيان پوڻ: لاهي پاهي ڪم کي لڳڻ.

soorihsindhiadab

اٽي جي چٽي: بيڪار ماڻهو.
ڀري ڀر هيٺ بڪ مرڻ: وسيلي موجود هوندي نادان ماڻهوءَ جو بڪ ڪيڻ.
ٻڌندي ٻوڙا جهلڻ: مفلسيءَ جو سهارو ملڻ.
وٺ ڀر وات وجهڻ: چريو ٿيڻ.

نعيم ٿيٻجاڻي

ڪيٽيءَ بابت پهاڪا

* سنڌ ڪڻ تي يا ڪڻ تي.
* مال ڀتارو اکين جو تارو.
* ڪيٽي سر سيٽي.
* ڀائر ڪوٽ جا ڪنگرا - ڀيڻ گهر جي سونهن.
* ڪيٽيءَ جهڙي ورونهن - اي ڪا آهي ڪانه ڪا.
* جيترو هر تيترو ڦر.
* جتي هر اتي گهر.
* ان ٻلي ذات ڀلي.
* ڇڏي ڀوڪ تنبا سنگ.
* ڀلي آيو ڳانءُ جو ڄايو - جنهن سارو جڳ نپايو.
* ٻني اها راڻي جنهن جي مٿان پاڻي.
* جنهن ڪڙميءَ کي گهر ۾ ڏاڻو، سو سڀني جو آهي راڻو.
* ان جو واپار هس مان ڇلو، ڇلي مان هس ڪري.

ڀوڀٽي هيرانندائي

ڪجهه ٻيا پهاڪا

* اگهه. ڪٿهو ڪانئجي، وٽ ڪٿيو نه ڪانئجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* انڌو ۾ انڌ سونهون ٻڌي هڪجهڙا.
* آڙهڙ جي تتي ڏينهن، ساوڻ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شل نہ ٿئي هنگڻ تات.
* اٺ پوڙهو ٿيو، تہ بہ مٺڻ نہ سکيو.
* اڏان مينهان دا، ڪيها ميلا،
او چرن پٽ، تہ او چرن پيلا.
* اٺ جي وات ۾ لوڻ وجهہ تہ بہ رڙي، کنڊ وجهہ
تہ بہ رڙي.
* ٻيرڻي اٺ تان وڃڻي لٿي، تہ بہ چڱي.
* ٻلي ڪاڙهيندي ڪانہ ساري، هنگندي ساري.
* تنهن جي مرڻ جو ارمان ڪهڙو، جنهن جي جيئڻ مان
فائدو هجي.
* ٿر ڪان اڳ ڇڙ نہ ڪڍجي.
* جن جہ پلئہ ۾ دانا سي چريا سياڻا.
* جيئَر تہ ڪک جو، مئو تہ لک جو.
* جهڙي پيت تهڙو چٽ.
* جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو ٺي پاٽ ۾ پوندو.
* ڇاٽي وڇونءَ جو منڊ بہ نہ، هٿ وجهي نانگن ۾.
* ڇپ جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.
* ڇاڪيءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاٽي ڏاري.
* ڇٽي ڪتي جي دوا ٻيڙه
* درياءَ ٻر تي چوکر کڏي، اڄ نہ ٻڏي سڀان ٻڏي.
* دال روٽي کاڌي ڏن کٽي تہ کٽڻ ڏي.

ڪيول رام آڏواڻي
(گل شنڪر)

* آهه پرجوش دل..........
نئون آواز
سنهو ناد هوندو
يا ٿي سگهي ٿو
هلڪي اجنبي درد ڀري چيخ ٿي هجي
ليڪن منهنجا ڪن ته
ٻڌي نٿا سهي سگهن!
ان ڪري ته چوان ٿو
مون کي هي گوڙ هي ڪول هل پيارو آهي.
مان ڪافڪا يا ڪامو ناهيان
جو اجنبين جي واڳهه سان دوبدو ٿيڻ لاءِ تيار ڪريان.
نه ٿي ٿي هپي آهيان
جو ڪن ڦوڙا ڪندڙ Jazz يا Pop ۾
منهنجو تن ۽ من ملي سگهن.
مان ته رواجي ماڻهو آهيان.
رواجي ماڻهو اي دوست!
Mediocre!
برابر ڀيڙ ۾ مان اڪيلو آهيان
۽ هن ڪولاهل ۾ منهنجو ڪو به آواز
شامل نه آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر نہ بہ
هي گوڙ هي شور
گوارا آهي مون کي
هي ماڻهن جا آواز
هي مشينن جا آواز
سڃاتل آهن.
او جڏهن جڏهن بند ٿي ويا آهن
مون کي ائين لڳو آهي:
ڪجهہ اشپ ٿيڻ وارو آهي
شايد ڪنهن زلزلي جي آمد جو اهڃاڻ هجي
يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ
ڌرتي تي جنت جا- بجا بريا ٿيڻ واري هجي
پر سو ڇا؟
مون کي يقين ناهي
تہ منهنجي قدمن ۾ ايتري طاقت آهي
— جو مان ڊڪي وڃي
ان جنت جي مرحبا ڪريان
اها پر جوش گرم دل ڪٿان آڻيان.

رتن آڏناڻي

* انگ رنگ
رنگ انگ
جڳمگ جڳمگ جسم
تنهنجي جسم ڪان اڳتي آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوٺٽيھين جي اونداھي.

امداد حسيني

* چنڊ
ھي تارا
ھي اڇو نيرو آپ،
شايد،
اڳ ۾ ڪو،
سنو آھي،
ٻائي ٻيريل،
چولڙو.
ھـــا،
سنو آھي ڪو،
سوڙيل ڪان
اگھاڙي منھن
اڳ ۾
شايد ھي،
ان جو ڏي آھي
اولڙو.

قاصر جماڻي

*........ ياد
ھڪڙي ٻيڻ جو پيچو ڪرڻ
تو جھڙي دلبر ياد ڪي
ڪيئن تو وڃي !؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون بہ ڪنهن جو ڀاءُ هوندين ڀايڙا،
مان بہ ڪنهن جي ڀيڻ آهيان ڀايڙا.

محسن ڪڪڙائي

* **ٻہ روپ**

ڀڏي ، تون ماءُ آهين،
تنهنجي ڌيءُ
جڏهن ساهرن ڀئي ويئي
چيئہ :
”نياڻيون آهن تہ گهر ڀريو ڀيو آهي،
وڃن تہ چارئي ڪنڊون خالي ڀيون لڳن.“
ور ور سيڻ ڌي نياپو ڪري
ڀئي ڌيءُ کي گهرائين،
اچڻ ۾ ڪڏهن ڏينهن وجهي
تہ ڀئي ڳوڙها ڳارين، واڻون نهارين!
ڀڏي، تون سس آهين
تنهنجي نُنهن
جڏهن ڀيڪي وڃڻ لاءِ چئي
تہ چوين:
”ماڻهين وٽ کهڙو رڏو ڀڪو ڀيو آهي
هٿ ڪم ڪير ڪندو تنهنجو.“
جڏهن نياپو اچي تنهنجي سيڻ جو
تہ چوائي موڪلين:
”اهڙي سڪيلڌي هئي ڌيءُ

تہ گھر وھاري ڇڏين ھا!“
ٻڌي، سوچ،
تنھنجي ڌيءَ پياري آھي توکي
ڇا تنھنجي نٺھن،
ڪنھن جي ڌيءَ ڪونھي؟
سنڌس ماءُ جي ممتا،
ساڳي تو جھڙي ممتا نہ ھوندي!
* تون......سنڌ
منھنجي لاڏلي!
تون اھڙي ٻچ،
جو توکي ڏسي
لوڪ سنڌ کي ڏسي وڃن!
تنھنجي پر ۾ بيھجي
جھڙي خوشبوءِ ايندي آھي
سنڌ ڀومي جي مٽيءَ مان.
تنھنجون پاوَ پريون اکيون ڏسي،
ڪوڪل ڪري وھنڊڙ
سنڌوءَ جي گھرائي ياد اچي.
تنھنجو سبڊول سگھارو بدن ڏسي
ياد اچن،
سنڌ جا ھريا ڀريا کيت.
تنھنجي الوڪ سونھن ڏسي،
سدا وھنڊڙ سنڌوءَ جا

ڪنارا ياد اچن.
تون نچين يا هلين،
ته ياد اچن
سنڌوءَ جون بانوليون لهرون.
تون مُرڪين،
ته ياد اچي
سنڌي ناريءَ جي زنده دلي
تون ڳائين
ته شاهه جون آيتون جاڳي پون.
تنهنجي ڳالهائڻ مان
ٻڌڻ ۾ اچي سسئي جي صدا!
تنهنجي لوڏ مان جهلڪي
مومل جو ناز
تنهنجي نٽڙت مان
پاڻي ليلاڪا،
نوريءَ جو نياز.
تنهنجي موهه ۽ ممتا مان ڏيڪي
ماروئيءَ جي محبت
لوڪ تڙقي چون:
ڪير ٿو چوي ته اسان سنڌ وڃائي آهي؟
اسين سنڌ ڪٿي ته آيا آهيون.
ان عيوض
اسان توکي گهرائي ورتو آهي هتي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

منهنجي لاڏلي.

ڪلا پرڪاش
(محتا جون لهرون)

*

نو ڪي ڏسڻ سواءِ
ڏينهن اڌورو
تو ڪي پسڻ سواءِ
رات اڌ اونداهي
سوچيان ٿو
نہ هوندو ڪو
ڏينهن ڪي ريٿو سچ
نہ هوندو ڪو
رات ڪي ڪو نڪور چنڊ
تو بنا — مون جيان
رات بہ اڌو اڌ
ڏينهن بہ اڌو اڌ
تن تياڳ
من پورا پورا.

زبيده ميتلو

* پياري سنڌو
رلي ٽڪي آهيان تنهنجا ڪنارا
مليو نہ مون کي ڪٿ
مهراڻ جو آب حيات

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واجهايان پيئي ان مڃيء لاءِ
جيڪا آهي ازل تائين آزاد
آزاديءَ کي نہ لڪاءِ سنڌو
ايتري ظالم نہ ٿي سنڌو
پيار، مون کي پيار
زندگي جو آب حيات
نہ ٿي پيارين تہ واپس وٺ جيون
جو جنون ۾ جاڳي
مون کي نہ رلاءِ
جيجل سنڌو مون کي نہ رلاءِ.
(شاعر جي خبر ناهي)

* انتظار
اماس جي رات،
سندر ناري،
وياڪل من،
نين پياسا،
آشا جا محل بنائي،
پل ۾ ناهي،
پل ۾ ڊاهي،
ويٺي پور پچائي:
ڪنهن ٻي ٿائي،
پريمي ايندو —
نظر نظر ۾،

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جادو اٿندو،
گيت گيت ۾،
ساگر ڇلندو!
سوچ سوچ ۾
رت وهائي
هاءِ پريمي
هاءِ جدائي!

....

* اماس جي رات
سندر ناري
سيس نوائي
ويٺي نير وهائي

عبدالحق عظيم

ڪوڙ

* رسي وٺين وري تون،
مگر تو نه چاتو،
ته دنيا ننڍي آ،
ڪٿي راهه تي، موڙ تي، گوڙ ۾،
منهنجو مجبور لاشو
نظر توکي ايندو ــــ
۽ تون صرف ڏيکاءَ خاطر
اکين جي ڪنارن تان ڳوڙها اگهندين۽
مگر ڪير ڏسندو، مگر ڪير چوندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته هي ڪوڙ آهي،
جيڪو زماني جي خاطر ڪڏهن مون به توسان ڪيو هو.
قاضي خادم

* آءٌ جنهن گهڙي
پنهنجي ماءُ جي ڪک منجهان
نڪري
هن جهان ۾ آيس
تنهن گهڙي کان
منهنجو پاڇو مون ساڻ هو
ڪالهه
پر ڏينهن جي بک کان پوءِ
پيٽ ڀرڻ مٽ جي عيوض
مون اهو سچو دوست
پنهنجو پاڇو
وڪڻي ڇڏيو.
نعيم دريشاڻي

soorihsindhiadab

* ذهني مونجهارا ننڍڙن ننڍڙن مسئلن کي به وقتي پب جبل جي چوٽيءَ جهڙو بڻائي ڇڏيندا آهن.
* ”مون کي منهنجي ماءُ پهڻ آڇيا پب جا“ وانگر اسان جو معاشي مسئلو چمندي ڏي چار وانگر چهٽيل آهي. ۽ ان پونچال کان اسان جو دوست به بچيل نه هو.
* دنيا جي ڪنهن به ڏاهي حالتن سان ٺاهه نه ڪيو آهي، سقراط کي زهر ڏئي ماريائون، آسڪروائلڊ به سال ٽيپ ڪاٽي ۽ پٺائي جهنگ جهاڳيو. پٺائي تـوڙي شيڪسپيئر کي به پنهنجي دور ۾ ڪوبه خاص ريسپانس ڪونه مليو. هي نه انور (دوست) آهي ڏکن ڏڏي ماٺريءَ جو هڪ وساريل ويڳاڻو فرد .
* گهر اچي ڀاڙا ٺڪاءُ هٽي، ٽيڪا ٽپٽيون ڪري سمهي رهياسون .
* شمشير ٽي به اڪر به لکڻ مون جهڙي ناچيز ڪاڻ نه چڻ ڪانيو اڪرڙو آهي.
* شمشير اڄ به اهو ساڳيو آهي، اها ٽـور اهـا چال، اها مسڪراهٽ، اهوئي سڪل چهرو، هـڙ پـانيون، غمن جا انبار، پوءِ به پهڪنڊڙ ۽ پرنڊڙ ـــ
* هو منهنجي چٽ تـــي ائين چٽيل آهـي چڻ ڪالهه ڪچهري ڪري ويو آ ـ شال خوش هجي.
* يارن جو يار هو. پيو لتاڙيندس مڙس ڇڙڻ وارو نه هو.
* حليم بروهي ۽ تاج بلوچ لاءِ سليم ڪورائي چـوندو هو ته اديب رڄ آهن .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* هن ٻنهي اٿندي ئي هڪ ٻئي تي لعنتن جا وسڪارا لاءِ ڏنا. جڏهن گاريون ۽ ٻجا ڏيئي ڏيو ڪياڏون ته پوءِ ڪلي پاڪرين پئجي ويا. منهنجي اڳيان اهو عمل ڪو نئون نه هو — ۽ نه ئي مان حيران ٿيس.

* ادي ايڏي ته ڏيا واري لڳي جو مان ڏؤ ڪري ڪيس ڏسي به نه سگهيس. سندس ڪهاڻين ۾ گهريلو ماحول جو چٽ ٻنهه چٽو چٽيل هوندو هو.

* سراج جا ايڊيٽوريل نه هئا چڻ دودي جي ڳوٺ جون ڪهاڻيون هيون.

* جهاز نه هو ٻانڌي روڊ واري لاري هو.

* ماڻهو ڪٿي ڪيترو به امير ٿئي وڃي پر ڪيس پنهنجو ڪلچر ڳراڙيون پائيندو رهندو.

* شاهه جي بيتن ۾ سامونڊي سفر تي اسهڻ ويل سڙهن جو سبجڻ، ڪوهن جو ڪجڻ، اونهي ۾ اوهرڻ لاءِ سٽاوا وار جانچڻ ۽ ٻيڙا ٻار ۾ وجهي ٻڳهه چوڙڻ جون چٽيون پٽيون تصويرون پيون ڏسجن.

* سمونڊ جا ساندارا، سفر ۾ سامونڊي تڪليفون، عميق جا آچاڙا، سامونڊي بلائن جو ذڪر، طوفانن ۽ اوچتي آفتن جا احوال ۽ پراڻن سڙهن جي سٽ نه سهڻ جون ٻچارون ڪيل آهن.

* هوڏانهن وري انهن وڻجارن جون وهون، ورن جي اوسيئڙي ۾ آهن. سڪائون ڏيڻ، دعائون گهرڻ، وڻ ٽڻ

وانئنٽيون پڊڻ ۽ جُر ترَ جاتون ڏيڻ جا منظر پڻ آڏو ايري ٿا بيهن.

مشتاق ڀاڳاڻي

(هو جي ڀهڻ ڀب جا)

* سوچن جي شاعرائي اٿل، ڦاٽ، وهڪرو ۽ واٽ ٻه پاڻ جڙي ويندي آهي ۽ مان ڪڏهن ٻه/ ڪٿي ٻه ڪا جهل يا رڪاوٽ ڪانه ڏني.

* مان ڪنهن انقلابي سياسي آدرش، اصلاحي پروگرام، اخلاقي متي، مذهبي احياءَ ڪي پروگرام يا مقصد ٻڌائي منظوم بيت بازي (نعري بازي) ڪانه ڪئي آهي.

* لفظ عشق پنهنجي اندر ۾ ايتريون ته وڏيون، گهريون ۽ گنڀير معنائون سانيي ٿو جو ان جو انت پائڻ ۽ تت ڀڏائڻ نه رڳو اؤکو، پر اڻ ٿيٺي ڳالهه آهي.

* جيڪو عشق جو انڪاري آهي سو يا ته ڪوڙو آهي يا شاعر ئي ڪونهي.

* مون ڪي هر عاشق سان عشق آهي، ڇو ته عاشق قربانيون ڏيندا ۽ مخلص ٿيندا آهن.

ذوالفقار راشدي

(سوچ ڪي لوچ)

* زماني جو شعور جيڪڏهن توکي حاصل آهي، ته پوءِ تون ان جي ورهاست يا حدبندي ڪري نٿو سگهين. وهندڙ پاڻيءَ ۾ کهڙي طرح تون هٿ رکي چوندين ته هي ماضي هو ۽ هي حال آهي؟ تنهن ڪري ان بحث ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوڻ ٽنو چاهيان جيڪو ساڳئي وقت معمولي ۽ ساڳي وقت پيچيدو آهي.

* ڏوهه، فحاشي، اخلاق ۽ بداخلاقي، ڪي جامد يا ڇميل شيون نه آهن. انهن جي تعريف ۽ وصف رڳو وقت آهر ڪري سگهجي آهي.

* آئون سمجهان ٿو ته سنڌي سماج جون پنهنجيون ڪي اهڙيون مفيد روايتون آهن، جن سان هٿ چراند ڪرڻ، يا انهن کي غير فطري انداز ۾ تبديل ڪرڻ، ڏاڍو هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

شمشيرالحيدري
(لطيف ڊائجسٽ)

* سنڌي اديب نظرياتي طور اڃان مونجهاري ۾ آهي، ۽ پنهنجي ۽ عام ماڻهن لاءِ ڪو به موزون رستو چونڊي نه سگهيو آهي. شايد ان ڪري ئي سنڌ هر راهه ۽ هر پيچرو ذاتي ۽ انفرادي اختلافن جي ماڪ تي رسي ٿو ۽ اتي ئي ختم ٿئي ٿو.

* ڪنهن به اديب جي هٿ مان موت ئي قلم کسي سگهي ٿو.

* مغرب ۾ ادب پروفيشنل (پيشيور) بنيادن تي تخليق ڪيو ٿو وڃي تنهن ڪري اتي اديب کي اهميت آهي.

* اديب جو تخليقي عمل ان جو ذهني پورهيو آهي. اديب ذهني پورهيت آهي، جنهن کي پنهنجي پورهئي جو معاوضو ملڻ کپي.

آمر جليل
(هلال پاڪستان اخبار)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* اسان جي معاشري کي به شعوري ديوارون ۽ ڪوٽ ڪونهن ۽ سڀ لاشعوري پهرا آهن. جن جو ڪو به مادي وجود ناهي.

حميده ميتلو

* محبوب جي پهرين نگاهه انساني دل جي ڌرتي ۾ هڪ ٻج جي حيثيت رکي ٿي.

قادر جوڻيجو

* ڪراچي اصل مهاڻن جائي. نپائي واڻين. ساماڻي پارسين ۽ انگريزن جي اوٽ ۾.

* ڇپي ڇتي ڳالهائڻ بجاءِ ڦاٽوڙي ڏهل جيان ٿي وڳو. ذهن ۽ ظرف به تيز تر پر واڇوڙي جيان نه منزل نه مقصد. گنڀير گهٽ ۽ ٽتي تاهه نتيجي تي پهچڻ لاءِ آتو ٿي ڏنو. مون کي ته ائين ٿي معلوم ٿيو ته ڄڻ سنڌس وجود ۾ هڪ کان وڌيڪ شخصيتون سمايل هيون جي هڪ ٻئي جي ضد ۾ تڪراري ٿي ڏٺيون.

* هر وڏيري جي معراج جيان ڪيس سرڪاري عملدارن جي ٿهل ٽڪور ۾ مشغول ڏٺم.

* سائس پلڪ پهر ڪچهري هڪ غمنار وندر ۽ وروندهه هئي.

* هي اوهان جي وس ۾ آهي ته ڪيس پسند ڪريو يا ناپسند، پر ڪيس نظرانداز ڪرڻ؟ ناممڪن. جي ڪيس چاڙهن سجاڻن انهن لاءِ جام هڪ بلند پايه هستي، باقي جي پره ٽڙيا يا

پارڪو تن لاءِ ڪوڙو يا ڪرو ڳالهه ساڳي.

علي احمد بروهي
(ڄام ڄاموٽ ۽ ڄامڙا)

* .... نہ ساڳيون دلچسپيون رهيون، نہ ساڳيا مسئلا، نہ ساڳي سوچ. نوان نـوان ساٿي ملندا رهيا، وقت ڪيئن نہ Loyalities ختم ٿو ڪري ڇڏي، ائين ٿي جيئن اس گل تي پيلي ماڪ کي اڏائي ڇڏيندي آهي.

* ۽ هاڻي —— شاديءَ ڪانپوءِ —— زندگي ڪيتري نہ پرسڪون گذري رهي آهـي، نـہ وڇوڙي جـو احساس، نہ پرانت جو شعلو.

* واقعي ٻي ٻنيءَ جو گاهه وڏيڪ گهاٽو ۽ سبز لڳندو آهي.

* روبي تنهنجي اها Analogies ڏيڻ واري عادت ڪانہ وڻي. مثال هميشه فريب ڏيندا آهن.

* انديشن ۽ الـزامن جـون ڏنڀيون جنهن ۾ انسان ٻـڏي مري وڃي.

* هوءَ پرڪي نہ سگهي تہ نعيم سنجيده آهي يا چرچو ٻـڙو ڪري. پر اها ڳالهه تہ چرچي ۾ بہ واهيات هئي.

* انهيءَ فرينچ ڇوڪريءَ سان گڏ آفيس ۾ سڀ سيڪس ڊسڪس ڪندا آهـن تـہ تـون پاڻ بـہ Progressive بڻجي ويندو آهين ۽ گهر اچي سان روائتي قسم جو Feudalist—!

* توهان زال مڙس جا مسئلا تـہ مائڪرو اسڪوپ مان بہ ڏسبا تہ نظر ڪونہ ايندا.

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

* پسنديده رنگ ـــ! ڪهڙي موڊ ۾؟ لباس ۾ يا پڙدن ۾؟ جوتن ۾ يا چپن تي؟
۽ پرفيوم.... گلن ۾ يا ٽئلڪم پائوڊر ۾؟ گرمين ۾ يا سيءَ ۾.

رعنا صديقي

(پل، پهر ۽ زندگي).

* سوال آهي ته اديب چوڻو لکي؟ جواب آهي ته اديب ان لاءِ ٿو لکي جو پيدائش لاءِ وٽس ڪي ڳالهيون هونديون آهن، هو سماج ۾ پنهنجي چوطرف ڪجهه خاميون / ڪوتاهيون ڏسي ٿو، ڪيس زندگي مڪمل ٿيل نظر نه ٿي اچي. انهيءَ زندگيءَ کي مڪمل بنائڻ جي هو خواهش رکي ٿو. ذاتي ۽ اجتماعي نامحروميون (Deprivations) سندس ذهن ۾ اڻ تڻ پيدا ڪنديون رهنديون آهن .... هو تڙپي پوي ٿو، بيچين ٿي ٿو وڃي. اها تڙپ / بيچيني اظهار چاهين ٿيون .... پوءِ رچنا ڪار قلم ذريعي انهن احساسات ۽ تاثرات کي ظاهر ڪري ٿو .... ڪهاڻيون بڻجن ٿيون، شعر بڻجن ٿا وغيره وغيره. هو زندگيءَ لاءِ لکي ٿو، چاڪاڻ ته هو اڌوري زندگيءَ کي هر لحاظ کان مڪمل زندگي جي صورت ۾ ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو....

ممتاز مهر

* مايوسڪن حالتن تي لکڻ وقت ليکڪ جي نظر خوش آئنده مستقبل تي هوندي آهي.

بيدل مسرور

* ڪلاچي و شال وستي ۾، مان پيراشوٽ ذريعي لٿو آهيان.

* مان پنهنجي روشن لالٽين اوهان جي دلين جي اونداهي جاري ۾ رکي ويندس.

* شهرت کي مان هوائي بلبل جيان سمجهندو آهيان. شهرت موسمن وانگي ايندي ويندي رهندي آهي. استار ويليو هر ڪلاڪار شعوري لاشعوري طور تي چاهيندو آهي.

* تقليد منهنجي نيچر ۾ ڪونهي. مان ڪنهن کي ڪاپي ڪريان ـ ته معنيٰ مان پاڻ کي، پنهنجي ذات کي، ڪا سڃاڻپ ڏيڻ بدران ڪنهن ٻئي کي سڃاڻپ ڏيان، ۽ هو جيڪو منهنجي من اندر ويٺو آهي، واندن ڪلارڪن وانگي اوٻاسيون ڏئي ٻاڏون ڪائي مري وڃي ـ ۽ اهو مونکي منظور ڪونهي.

نصير مرزا
(خوشبوءِ جي سنگ سنگ)

* فرائڊ جو ٽائيم ۽ اسپيس جي چڪر ۾ پاڻ به چريو ٿيو ۽ اسانکي به اڌ چريو ڪري ڇڏيو.

* خيرو بس پيائج ته قرة العين حيدر جا ڪردار هٿاسين مليا سين ۽ وڇڙي وياسين.

* ٻڌل کي جي ڇنبو ٻڌو ٻڌو ته پيانيو پڪ ٻڌندو ....

* جت سچ جي تيز اک ۾، سچ جي تيز روشني رلي ملي وڃي، پاڻ ـ آت ڌپ ۽ دوه بازاري رنن وانگر ڏينهن ڏئي ڏي سمهي رهندا آهن.

* اسين هڪ ڏي ڪار ۾ پنهنجي مختصر منزل جا وقتي مسافر آهيون.

خيرالنساء جعفري
(پيچ پرولي)

* هر دور ۾ قدر ۽ ماپا، مريادائون ۽ مڃتائون، وهنوار ۽ وشواس بدلجن ٿا. نيون ڳالهيون هميشه ڏڪائيندڙ لڳنديون آهن.

هي ڪلجگ نه، ڪل جُڳ (Age of Technology) آهي.

* 'پيڙا ساهت جو چشمو' چئي هٿرادو سور ڪائيندا آهن.

* ليکڪ سڏائڻ جو لوڀ گهٽ رهيو اٿم، پنجويهن سالن کان لڳاتار ڪجهه نه ڪجهه لکندي به پاڻ کي وڏي وٿ نه سمجهيو اٿم.

* مان سيني هٿرادو پنڌن کان مڪت آهيان. منهنجي پاونا ڪنهن به هٿرادو قيدکي قبولڻ لاءِ تيار ڪينهي، مان ويسه وسوڙيل ناهيان.

* مان پنهنجن ويچارن تي ۽ اصولن تي بلڪل پڪو ۽ سخت رهندو آهيان، پوءِ به اڳلي جي ويچارن کي نه فقط ڪنپيرتا سان ٻڌندو آهيان، بلڪ ان ۾ جيڪا صداقت هوندي آهي، ان کي ساراهيندو به آهيان، ۽ صحيح هئڻ جي حالت ۾ اثر به جهٽيندو آهيان.

* هر فن ۽ وگيان جي جان 'حقيقتون' آهن.

* انسان کي سچ لاءِ لوچ، حقيقت لاءِ ڦولهه آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي

(ادب ۾ قدرن جو سوال)

* هر زماني کي پنهنجي تاريخ هوندي آهي. هر فساني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي پنھنجي اڳھاڙي ۽ پڇاڙي ھوندي آھي. ھر داستان پاڻ ۾ غمن جي دنيا سمائي، ٿڪن جو سيلاب به آڻيندو آھي. زندگيءَ جي ھر انھيءَ موڙ تي جتي ڳٽيون ۽ فڪر ڪر ڪنيو بيٺا آھن، حسرتن، آرزوئن ۽ امنگن جنم ورتو آھي. ڪير آھي جو ائين چئي ته انھيءَ قاسيءَ چڙھندڙ منصور وٽ ڪا به آرزو يا امنگ نه ھئي. ڪير آھي جو ائين چئي ته جلاوطني ڪنھن نوجوان کي وطن ۾ سمايل جذبن کان وانجھو رکندي.

حميد سنڌي

(روح رهاڻ)

* اهڙي قوم جنھن کي ھڪ رسالو سنڀالڻ جي توفيق ڪانھي تنھن کي ڀل ته ڇتيو ۽ ڇچريو وڃي. اسان عجوبه آھيون — ڀل ته ڪا آسماني طاقت اسان جي وجود کي ھر دفعي ۽ ھر دور ۾ موھن جو دڙو بڻائيندي رھي. اسان بي حس ۽ موڳا انھيءَ جي لائق آھيون ته محمود غزنويءَ جا بي رحم گھوڙا اسان کي پنھنجي آھني سنبن ۾ لتاڙيندا رھن، چيڀاڙيندا رھن. اھا اسان جي سزا ۽ انسان جي سستيءَ جو نتيجو آھي.

امر جليل

(روح رهاڻ)

* جيڪي ڪجھه به منھنجي احساس کي اثاري ۽ جذبن کي جاڳائي سگھيو آھي، جنھن به نظاري اکين کي آرام ڏنو اٿم، ان کي ڪوشش ڪري اھڙيءَ ريت لکيو اٿم،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن ٻين جي دلين ۾ به اهڙا ئي احساس آڻن ۽ ۽ اهڙا ئي جذبا جاڳن، جيڪي منهنجي دل ۾ جاڳيا، جي منهنجي ڏڪندڙ ڏيئي جي وسامڻ کان اڳ ۾، ان لاٽ مان ڪي نوراڻي ڏيئا ٻاري سگهيس، ته منهنجو جيئڻ سجايو ٿئي.

تنوير عباسي

(رڳون ٿيون رباب)

* مان سوچي رهيو هوس ته انهيءَ ويڙهه ۾ غيرت، همت ۽ شرافت وارو فقط مرون آهي. هُو تنها هو، غنيم هن تي اوچتو حملو ڪيو هو ۽ هن پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهندي جان ڏني هئي. ويچارو مرُون! ڪاش هو انهيءَ ڪُڏ تي ٽپ ڏيئي، وڃ هئي، وڏيري جا آنڊا ڪڍي سگهي ها.

* فطرت جي حسن مان اک جو ڍءُ نه ٿئي ٿو، پر پيٽ جي بک نٿي لهي!

* چريا، وڇوڙو سڪ وڌائيندو آهي.

* جسم فاني آهي، روح باقي آهي، پر فنا، بقا کان صدبار زياده حسين آهي.

* منهنجي لاٽ ٻجهي ٻجهي ٻرندي آهي، منهنجي وينا ٽٽي ٽٽي جڙندي آهي.

* اهو لازمي ناهي ته هر شاعر جي زندگي به ايتري حسين هجي، جيترو سندس شعر. ڪيترا شاعر پنهنجي زندگي جي قباحت کان ڀڄي شعر و شاعريءَ جي حسين دنيا ۾ پناهه وٺندا آهن. باقي ائين برابر آهي ته شاعر جي اک ۽ دل ٻين انسانن جي اکين ۽ دلين کان مختلف آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* هن عورت کي اهو سنگسار ڪري، جنهن نظر يا زبان سان ۽ خيال ۾ به سياهه ڪاري نه ڪئي هجي.

* فقير رمندو رهندو، ڪتا ڀونڪندا رهندا. ڪتن ڪي ڪهڙي خبر ته فقير جي گودڙيءَ ۾ ڇا هو؟

* پنهنجو قلم ته تلوار ڪان به تکو آهي، پر اهو ڪنهن جيتامڙي جي رت ۾ ٻوڙي ڇا ڪبو.

* تعجب آهي ته مذهب ۽ سياست جهڙڪڏهن ادب ۽ فن جا موضوع ٿي سگهن ٿا ته جنسي نفسيات ڇو نه ٿي سگهي، ٿي! شرط اهو آهي ته نگاهه صالح ۽ نگارش ادبي هجي — ۽ جي ائين نه آهي ته پوءِ مذهب خواه سياست، خواه جنسي نفسيات، سڀئي الڳ الڳ سڀني جـي ڪري اعتراض جي قابل ٿي سگهن ٿا.

* چنڊ کي چڪور جي اکين ۾ ڏسندين ته تـوکي چنڊ جي ڇهري جا داغ نظر نه ايندا.

* چپ، ڪوئل کي نفرت سان ڏسي چيو، ”تون پنهنجو رنگ ته ڏس، ڪوڪين ڇا تي ٿين؟“

* ڪيئي ڪتاب منهنجي مطالعي ۾ آيا، پر ائين جيئن سـاوڻ جو مينهن درياءَ تي وسي، جيئن اونهاري جـي اُس ٻنيءَ تي پوي.

* گلاب تي گهڻا ڀونئر مڙندا، ته گلاب جـي خوشبوءِ گهٽجي نه ويندي.

* هن جي مٺول منهن تي، هن جـي اکين جون ڇچون، گدري جي آلن ٻجن وانگر ٿي لڳيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* سانوري رنگ ۾ ايتري ڪشش هوندي آهي جيتري سرائڪي زبان ۾.
* رات ۾ گهري بي انتها خاموش هئي، جنهن گدڙ جي ڪوڪ سڏ جي ڪنهن خوفزده سياستدان جي آواز وانگر ٿي لڳي.
* اوچتو ٽر ٽر ڪندو سچ اڀين سنهي ڪڪري ۾ هيٺان هليو ويو، جيئن ڪا حسين عورت وهنجندي، اوچتو ڪنهن ڌاريي مرد کي تڪيندو ڏسي، ڏڪندڙ هٿن سان پنهنجا انگ ململ جي پوتي ۾ سان ڍڪڻ لڳي.
* چاهيان ٿو ته ان جي ڪا تشبيهه ڏيان....پر هڪ بي مثل شيء جي ڪهڙي تشبيهه ٿي سگهندي.
* سٿون جڙي اڀين ٿيون ڍهيو وڃن، جيئن واري ۾ جون لڏون هٿن ۾ ڀري پوي.
* پيچرو ڪپر نانگ وانگر پيچ ڪائيندو، پهاڙي ۾ تي ٿي ويو.
* درختن جا پراسرار پاڇا قبرن سان لاٿون لهي رهيا هئا.
* پين جا نظاريا اڀين آهن، جيئن روشني جا مختلف رنگ.

شيخ اياز
(جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* در تيڏي تي سهڻا سائين، روح اساڏا وڪاڻا،
ويڪڪي تيڏيان بيپرواياں، ساڏا جيءُ ڪماڻا
اينوين نه لائق تينون لالن، مارڻ موت نماڻا
شوق تيڏي دا شغل چڱڙا، ساڏي سام سيباڻا
شمع حسن دا بيدل عاشق تهدل تي پرواڻا.

بيدل

* مان بيوس ٻڌجي ويو آهيان
ڪيئن سونهن سان مان سيئو آهيان ۔

عنايت بلوچ

* جيڪي چيئي سو بيهر ٻول
هر هر پنهنجا چيڙا چول

عنايت بلوچ

* آيل! ويا اوهري، ٻڏي ڪڪڙن دس
ويئي پوچيان وچ تي، عوراڻ جا گس
لنگهي لهرون لس، موٽي ايندا مون گهرين.

تاجل بيوس

* جن اونداهين ۾ لاٽ ڪئي سي ڏيئا رات اجهامي ويا
جن جوت جلائي جلون سان، سي تارا نيٽ وهامي ويا.

عنايت بلوچ

* منهنجي دل تي ساري توکي،
مون کي پي تہ سنهيارو هوندي.
سڏڪا روڪي، پنهنجي دل کي،
ادين سان ڏتاريو هوندي. عنايت بلوچ

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* جـــو تڙپي اٿيو، ســو غريب آهيان
جـــو جاڳي پيو، ســو نصيب آهيان
بهرحـــال يـــارو عجيب آهيـــان
اوهان جـــو ئي شاعر، اديب آهيان.

استاد بخاري

* ڪوئي نہ ڄاڻي ذات اسان جي ڪوئي نہ سمجھي بات
شام ڪان ويهون مڌ جي مٽ، تي تان جو ٿئي پرڀات.

تاج بلوچ

* ڪنهن بہ نہ ڄاتو ڪنهن نہ سڃاتو
منهنجي مــن جو گهاءُ،
چانڊوڪي تــي ڇهنڊيون پائي،
آهُ پريتم آهُ.

تاج بلوچ

* تون ســاگر ۾ مان بوند، پرين!
تون راڳ منو، مان گونج پرين!

گورڌن ڀارتي

تاجل بيوس جي شعرن مان ڪجهہ سٽون.

مـــون ۾ اٿئي مڱڻا! ٿـاريلين جـــي ٽڄ.
ڪنڌئين ڪانهن ڪڪوريا، وريـــا وڻجارا.
وڏون ڳن ڪهاڙئين، جـــڏهن پـــونہ ٻٽي.
جهڙو اوڳـــر ان جـــو، تهڙي اوت عنبير.
اٿيو آڌيءَ رات جـو، دونهون ڪن ڏنار.

* ٻني! ڪڻ ڦُوٽي – ڇور نه چرخو عاج جو.

* جاري رک جهاج تي ورهين نائين ويڙهه.

* نه سي دور درياه جا، نه سي سڙه سُکان.

* اٿي جر سان جهيڙ – سوگهو ٻڌي سندرو.

* سارو سمنڊ سهيڙ – موتين وانگي مٺ ۾.

* ٻيڙيون ٻاجهارن جون، تاريون طوفان،

* پويان ساهه سمونڊ جي، آڏو ڪُن ڪڙڪن.

* لکين سچ لهي ويا، ڪيڙيندي ڪارو.

* ورندا ونجارا، اورانگهي اوڙاهه ڪي.

* ڪيڙي ڪارو نالڪما، ايندا اوپارا.

* ٻري ٻيڙا ٻاجهه جا، امڙ! آئيندا.

* ساريو سامونڊين کي، نيڻن ڇاڙهيا نار.

* ڳاڙها گل گلاب جا، اوڏڻ – ورنا انگ.

* مڪ پراڻي مڪڙي، ساڳيا سڙهه سماء،
پرکي منهنجي پيار کي.

* ڪانئيون سمجهي ٻار نه تهلي،
ڪانگل جو آکيرو آهي.

* ڪيئن چوين ٿو، چور نه آهين؟
تنهنجو تازو پيرو آهي.

* هاٿي پاڪر پاء پيلي تون،
ڇر ڪان آجو ڇيرو آهي.

* مان ٿو توسان پيار ڪريان
تون اچلين مون تي ڇاره.

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* هاءِ! انهن ڪان حال پڇي ڪو
ٽرم جن جا ٽاڪ الا.
* وڏي ڪنهن نہ جنڊ ۾
ڪا ان جي پڪي آ.
* اچا ٽنهنجا اپ سان،
اچن ٽا آواز.
* لوچي لهبو، نيٺ نہ چڙهبو
چـــاڙہ چڪن مـــان پار.
* سير رڃ سموند تي، ڪڪيءِ هـــالا ڪـــول.
* سا منهن رڪ سڪان ڪي، جيڏا وچ نہ جهول.
* گهر ٽڙ گهاڻ گهوريا، ڪڙني ڪنگ رڙن.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* حقيقت کي آئون ڪٿي ڳوليان – اسلامي اصولن ۾، گيتا، رامائڻ يا بائيبل ۾.... حضرت عيسيٰ کي خدا جو پٽ چوان يا ڪرشن کي پنهنجو پالڻهار سمجهان، رام جي در جو سوالي بڻجان يا مديني جي مير کي سڏ ڪريان، سوئر کان يا ڍڳي جي گوشت سان نفرت ڪريان، اوهان ئي ٻڌايو؟ سچائي ڇا ۾ آهي.

* اوهان ڪيترن ۽ ڪهڙن لکين ڪروڙين انسانن جي جذبن، عقيدن ۽ اصولن کي قتل ڪندائو!! حقيقت، ڇا آهي، انصاف ڪٿي آهي، سچائيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي، مونکي هميشه ان جي تلاش رهندي. **يوسف شاهين**

* مان هن وقت جو انسان آهيان، جنهن کي چنڊ سان محبت آهي ته صرف ان ڪري جو هو اتي تيل جا ذخيره ڪڍڻ ٿو چاهي، ستارن سان دلچسپي آهي ته ان ڪري جو هو اتي رهواسين جي طاقت جو اندازو لڳائي زياده کان زياده تباهه ڪن هٿيار ٺاهي.... مون کي ان عورت جي ضرورت آهي جيڪا مون سان گڏ ڪاسمڪ ريز جو تجربو ڪري.... ڪنهن جي اکين ۾ ٻڏي وڃڻ .... محبوب جو ناڀو ٻڏي آلوٻخاري وانگر ڳاڙهو ٿيڻ .... مڱ جو پاڇو ڏسي هڪمري ۾ بند ٿيڻ.... ڪيترين نه بيڪار ڳالهيون آهن.
رشيده حجاب
(راه)

* انجيڪشن جي امپيول جهان زندگي ٻه، اندران ونڪم آهي.

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* تو کي لڳندو هوندو، ته دوستي منهنجي طرفان مڙهيل آهي. پر يقين ڪر، اتفاق آهي.
* اسين ڪو آرڪسٽرا ڪنڊڪٽر نه ناهيون ته زندگي کا Symphony ڪاڻهي جنهن جي هر اپرنڊڙ، چنچل، ڪنيپر، هيٺين مٿين سرن تي قبضو پائي سگهون.

شيام جئسنگهاڻي

* .... دل جيڪا الله جو گهر آهي، دل جيڪا سونهن ۽ سنگيت جي سرسوتيءَ جو مقدس مندر آهي، دل — جنهن مان گوتم کي گيان مليو هو. دل جيڪا ڪرشن جهڙي البيلي، رادا جهڙي چلولي هئي سان گڏ سيتا جهڙي پاڪن پاڪ به آهي، مگر زمانو راوڻ کان وڌيڪ ڪٺور آهي.

ذوالفقار راشدي

(سپني جو موت)

* هيري جي ڪٽيءَ وانگر هوءَ هر پهلو کان ايترو جرڪندڙ ڪيئن آهي!
* ڏاڏي، ان ۾ سر ونائڻ ڇهون وقت فرض نماز سمجهندي هئي.
* ڪنهن به فڪر ابابيل وانگر آسمان جي نيراڻ ۾ ترندي وڃان، جتي نه پيار هجي نه ڌڪار، پر رڳو بي انت سڪون.
* ڪو ڪنهن سان منسوب دل سان ڏيندو آ، چري نه ڪنهنجي چوڻ سان.

ڏمبرہ زرين

(نم جي ڇانو — سره جي خوشبوءِ)

* سنڌي اڪ پري ڪان پڌري. منجهس رڪ کي چڪ ڪرڻ جي قوت هوندي آهي.

* جيپ تي سنڌ جي نمبر پليٽ لڳل هئي ۽ نمبر پليٽ جي پاسي ۾ هڪ ٻي تختي به لڳل هئي جنهن تي MNA لکيل هو. ”هون، اها به چڻ ڪا لياقت يا قابليت آهي. ووٽ وٺڻ عوام کان ۽ چونڊجڻ ڪانپوءِ رعب به رکڻ عوام تي. هي سنڌي نمائندو، توبه. سڄي سڄي رات ڪن عيش، عورت ۽ شراب، صبح جو اجلاس ۾ جهوٽا کائين. سنڌ جي قسمت ئي ستل آهي. پر ان جيپ مان ڪيئن نه مڇر مونکي گهوري رهيا هئا! رڳو مڇ تي زور، نلهي آڪڙ. منهنجيون غير سنڌي ساهيڙيون ته مرڳو ٺٺوليون ڪنديون آهن؛ چون، سنڌي مرد عورتن کي ائين گهوريندا آهن جيئن ٻڪايل ڏاند وڏين وڏين اکين سان ڏاري ڏانهن ڏسندو آهي. پڇنديون آهن، وڏيرا مڇ تي طوطو ته نه ويهاريندا آهن.“

* شڪ جو شيطان ڪهڙي ڪند مان من جي مسجد ۾ گهڙي آيو هو.

* تو منهنجي چڙو چڙ حياتيءَ کي جائيتو ڪيو آهي.

* مان گهر جون ڪنگريون ڪيرائي ڇڏيندس، ٿنڀون پوري ڇڏيندس، ڇت ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيندس.

امر جليل

(راهون جدا جدا)

* هن منهنجي چرياڻيءَ تي، اڻ ميي پيار تي کلي ڏنو هو.

* تنهنجي ايڏي محبت، وقتي آهي، زندگي اتفاقن تي

آڏيل آهي.
* روحن جا رشتا وسارڻ سان نه وسرندا آهن.
* مان ساڳيو آهيان، منهنجو غم ساڳيو آهي.
* يادگيرن جي وير چڙهي ذهن جي واريءَ ۾ دفن ٿي ويئي.
* وقت پيار جو دشمن آهي، نرگس. وقت جي هڪ هڪ گهڙي محبت جي هڪ هڪ جملي جي تربت آهي.
* دل ڏونگر هجي ها ذري پوي ها. سندس درد کي برداشت نه ڪري ها.
* مان تنهنجي هر تمنا پوري ڪريان ها، نرگس. هر خواهش پوري ڪريان ها، پر تو منهنجي چاهت کي چريو ڀانيو. مونکي ڇڏي ڏنءِ. مونکان ڌار ٿي، مونکي ازل جي اڄ ڏيئي ڇڏيءِ. هر بدنصيب انسان جو حافظو سٺو هوندو آهي.
* فقط عورتن زندگي ۾ هڪ دفعو محبت ڪرڻ جو نيڪو نه ڪنيو آهي. مرد به زندگي ۾ فقط هڪ دفعو محبت ڪندو آهي ۽ پوءِ سڄي عمر ان پيار جي ياد سان دل جي اڪيلائين کي آباد ڪندو آهي.
* ها، ڇهو هوم، محبت ڪرڻ ڪانپوءِ انسان ماڻهو گهٽ ۽ ڪڪر زياده نظر ايندو آهي.
* هوءِ جملو پورو ڪري نه سگهي. آواز جذبن جي اٿل ۾ لڙهي ويس.
* مان ڏي هوس جو دل جو نذرانو ڏيئي رهيو هوس،

هوءَ همالي جي برف هئي، چنچل هئي، اونهاري ۽ سياري کان بي نياز هئي.

* دل ڏرنسي ناهي جنهن تي ٻڪنگهم شپ هلي سگهي نرگس، منهنجي محبت کان انڪار ڪري جيڪا ڪيپ ڪٿي اٿئي تنهن لاءِ توکي تمغو ملڻ گهرجي.

* پنهنجي دل کان پڇي ڏس نرگس. انهن راتين کان پڇي ڏس جنهن ۾ تون هنجون هاريندي رهي آهين. انهن اڪيلائين کان پڇي ڏس جن ۾ تون ڦٿڪندي رهي آهين. ان حياتيءَ کان پڇي ڏس جنهنجو هڪ هڪ ساهه هيري جي ڪڻ وانگر تنهنجي وجود کي چيري ڦاڙي چٽ ڪري رهيو آهي.

* ماضيءَ جي ڪوهه ۾ ليٿو پاڻي پنهنجو پڙاڏو ٻڌڻ لڳس.

* تون وٺينءَ پاڻ سان سڀ ڪجهه کڻي وٺينءَ.

* چري توکي ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه ڪونهي. ڪجهه به نه آهي. حياتيءَ جي اڪيلائي آهي، مسلسل خاموش آهي، تنهنکي پنهنجو ڪري ڇا ڪندين.

* حالتون مونسان ۽ مان حالتن سان ڪڏهن به ٺاهه ڪري نه سگهندس.

اهر جليل
(هڪ دل جي اڪيلائي)

مزاحيه شاعري

* سرجري جو آ سڌو سنئون هي ڪيس
چو تا مرٽينگ ڪي ماليش ڪريو؟
بوٽ پائڻ کان چڙهي ويو آهي،
چيري بالاسم سان تا پالش ڪريو.

* چلهه اکين ۾ سرمو، پابو تا پائين
پانهن وڏي منڌ کي، تا کنگڻ پارائين
پيرن چوندڻ لاءِ تا، پيرن کي ڌوئين
اهڙا پيسي آهين، سڌير منهنجي ڏيهه ۾!

جهٽ پٽ بدپچائي

* هڪ حڪيمن پيو وڪيلن کان پڇو
اسپتالن کان ۽ جيلن کان پڇو
عام سنڌي ڪيترو مجبور آهي
ڪاڙڪن کان ۽ وڏيرن کان پڇو.

* اوهان جي نظر ۾ لکڻ آهي راند
اسان جي لنگهون تا پيا پل صراط
جي ڏورو ٿي ٿڙڪي ويا سين ته ڌو
ڪپي احتياط ۽ سڄي اختياط.

استاد پڪاري

* الف ڪونه چاڻان آئون- ب کي ڏيان باءِ
چاڙي هڪ الله - ب کي چاريان ٻلي ۾.

(شاعر جي خبر ناهي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* جيڪڏهن ڪو ٻيو شادي ڪري ٿو، ۽ پاڻ دعوتي هجون، ته پوءِ شاديءَ جهڙي سٺي شيءِ ٻي ڪابه ڪانهي، باقي پاڻ شادي ڪرڻ، ٻين لاءِ عبرت جو مثال قائم ڪرڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاديءَ کي انگريزيءَ ۾ The Great Contradiction به چيو ويندو آهي (۽ جيڪڏهن نه چيو ويندو آهي، ته چوڻ گهرجي.)

* نڪاح کان اڳ دنيا عجيب نظر ايندي آهي، عجيب ڳالهه اها آهي ته نڪاح کان پوءِ به دنيا عجيب نظر ايندي آهي، پوءِ کڻي نڪاح پنهنجو هجي يا پرائو.

* نڪاح وقت ڪنوار رئندي آهي، جيتوڻيڪ رئڻ لاءِ هرڪو سبب فقط گهوٽ وٽ هوندو آهي.

* نڪاح وقت گهوٽ پنهنجن دوستن سان گڏ فوٽا ويهي ڇڪائيندو آهي، ۽ پوءِ سڄي حياتي دوستن جي شڪل ڏسڻ لاءِ سڪندو آهي. انهن فوٽن مان ئي ڪنوار کي خبر پوندي آهي ته اهي ڪير آهن، جن هيل تائين گهوٽ کي نڪاح کان پري رکيو.

* نڪاح کان پوءِ هرڪا زال مڙس ۾ اهي ساڳيا سڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، جيڪي شيرشاهه سوريءَ هندستان ۾ آندا هئا. نتيجي ۾ مڙس جو به اهو ساڳيو حشر ٿيندو آهي، جيڪو شيرشاهه جي سڌارن ڪري هندستان جو ٿيو هو. جن کي اها ڄاڻ ڪانهي ته هندستان جو ڪهڙو حشر ٿيو هو، تن لاءِ فقط ايترو ڄاڻڻ ڪافي آهي ته هندستان ٿورن ڏينهن لاءِ سڌري ويو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* شاديءَ کان پوءِ ڀيريون جهيڙو سس ۽ ننهن جي وچ ۾ ٿيندو آهي، جنهن ۾ ڪڙڇي اڳ جو پارٽ ننهان ادا ڪندي آهي.

*.... زال سان گڏ هڪ سس ٻه ملندي آهي، جيڪا بنا ڪنهن سبب جي ٿورا ڏينهن وٺندي آهي، ۽ ننهن کان پوءِ خوابن ۾ اچي ڊيڄاريندي آهي.

عبدالحليم بروهي

(شادي)

* يورپ حسينن جو ملڪ آهي، ڇا حسن آهي، سونهري وار، نيريون اکيون ۽ کير جهڙي اڇي چمڙي. آءٌ ته ڀيرين ڀيرين سندن بدن کي هٿ لائيندي ڊڄندو هوس ته ڪٿي ميرو نه ٿي پوي.

* ڪوليءِ هتا ته ڪارا ڪوجها پر 'جيتا' سيني ۾ اهڙي هئي جهڙو ڪارو ڪڪرن سان ليئو پائيندڙ چنڊ.

* وڏيري کي رڳو وٽ ۾ هٿ لائڻ جي دير هئي ته انب اچي جهوليءَ ۾ ڪريو.

ظفر حسن

* اڄ اٿڻ سان سرمست جو ڪلام پڙهيو اٿم. اڻين ٿو لڳي، ڄڻ شينهن جي گوشت سان نيرن ڪئي اٿم.

* شايد اهو محقق لفظ حقي سان نڪتو آهي، ڇو ته محقق ۾ بڙ بڙ گهڻي هوندي آهي ۽ پرائي ٽانڊي تي ٽيهڙ جي دونهان ڪيندو آهي.

* ماري پڃري ۾ بند آهي ۽ ڀڪي ڇهنب سان هن جون اکيون ڪڍي رهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* رندگي سيڙهه جا ڪنڊا به آهي، سهڙ جا بج به آهي.

شيخ اياز

ڪجھ پهاڪا ۽ اصطلاح مختلف افسانن مان کنيل

* ڇڄ ۾ ڇاڻن نه سڄاڻن پر سان گهوٽ جي پڳي.
* نوريئڙي جي دعوت ڇا — ٻه ٻير بس.
* مزي جو مزو ته پڄڻ تي به ڏورو.
* اهڙي هجي ها نه ڏٺي به نه ڏڪيئس ها.
* عالمن جا ابا تو جي ٽنگان تيڙيون ته ٻندا ڪي ڪندا.
* سڃو چٽو وڃي گهٽو.
* گهاگهر ۾ ساگر سمائن.
* دنيا آهي چڻن ڏينهن جو چٽڪو، ۽ حياتي آهي موت جو لقمو.
* ٻه ڏڪر جا ڏولهڙا ٽون تڏي.
* ڪڏهن پيريءَ ۾ نه ڪڏهن ياڪر ۾.
* چريءَ چڪي ڏنو ڇي هل ڪالهوڪي هند.
* هڪ ويڻي هئي رڏي، ٻيو آيس پيڪان نياپو.
* جنهن جي وات نه وڃجي، ان جو پنڌ ڇو پڇجي.
* غريبن رکيا روزا ته ڏينهن به وڏا ٿيا.
* جيڪي لکيو آهي سو لوڙبو.
* شينهن مري ته به ڏيپ نه چري.
* عمر نئي نئي ماري نيندو، ٽرڙون ته ڪونه ٽيلهيندو.
* مون سان هلي سا، جا جيءُ مٺو نه ڪري.
* وڻيون ته سگهجن، مگيون نه پرڙجن ته جگ ڪيئن هلي.

Scanned with CamScanner

* جنھن جو نڌو تنھن جي ڳالھہ ۔
* گھر ۾ ھجي جاءِ تہ ٻُھر ٻاھر نہ ڪيجي ۔
* ڍڳو نہ ڍور آڳوٺو ڀڃيندو ڇوڙ ۔
* ڪوٽ ٺھيا ٻہ مڙسن لاءِ آھن تہ ڪيرائيندا ٻہ مڙس ۔
* ذات ڪانون کي ٻہ پياري ھوندي آھي۔
* پلءِ پراڻو نہ ٿيندو آھي۔
* ڏنو پيرہ پني مراد ۔
* جيئن موتين ۾ ھيرو، تيئن راڳن ۾ ڪلياڻ ۔
* زور اڳيان زاري سھي۔
* ٿوڙھن کي ڦٽوڻا ڇا ڪندا۔
* سورڪ سڀ ڇمار، سگھڙ ساعت ھڪڙي۔
* ٻوڙن سان سرھاڻ ڇا ڪبا۔
* ننگ ۽ وڙ ڇني نہ ڇڏجن ۔
* من ۽ موتي ڀڳو، سڄو نہ ٿيندو۔
جي سڄو ٿيندو تہ ٻہ سنڌو ۔
* چنڊ ھڪڙو ٻيا سڀ ٽاراڙي!
* ٻصر ڇوي واڱڻ کي ادا ڪڏھن ملنداسون؟
واڱڻ جواب ڏنو تہ ڪُني ۾ ملنداسين؟
* پڪي گھڙي کي ڪھڙا ڪنا پوندا۔
* دل کي دل سان راھہ ٿيندي آ۔
* گھٽا ھر ٻنيءَ کي ڏبا آھن ۔
* ٻيڙيءَ تي چاڙھي ڦرھو ڪيڻ ۔
* اڻ ڏٺو چور ٻيءَ برابر ۔

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ننگ جون پاڙون دوزخ ۾.
* ڳل لڳڻ کان وڃجي پر منهن پڪڙڻ کان نه وڃجي.
* ويلهو نه وقت، ليلان چڙهي تخت.
* تتر ڏيکاري پتر ڏيو.
* آٺ ڪـي لاٺو. گهوڙي ڪي داڻو. مرد ڪي ناڻو. محبوب ڪي ساڻو.
* هٿ هاج ۾ دل دلبر ڏي.
* مرد سرڳ وڃي يا نرڳ، هن جو ڪم ڪفن سان.
* اهو وڻ ئي ڪونهي جو واءُ نه لوڏيو هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه ڌارين لفظن جون معنائون

سيما: سرحد
يوڌڪا: مهاڪپ
ويدنا: ڏک
مريادا: حد
ساڌنا: تڪميل
ايمان: فخر
ترپتي: اطمينان
آگيان: حڪم
سراپ: پاراتو
وردان: دعا
اِڇا: مرضي
دوار: در
چيتنا: شعور
مرتيو: موت
ڪال: وقت
انادي: ازلي
اننت: بيحد
نسقل: اجايو
ڪشٽ: تڪليف
سمرتيون: يادگيريون
ڪلياڻمي: ڀاڳوان سرسبز
ڪندڙ

نمرتا: نياز
اسواڀاوڪ: غير فطري
پريچيه: واقفيت
ماڌيم: وسيلو
ڀاونا: احساس
ورتمان: حال
اڌيڪار: اختيار
سواس: ساهه
ارٿ: مطلب
نرماڻ: تخليق
اڌيرتا: تڪڙ
وناش: بربادي
پريرڻا: زور، ترغيب
انتهڪرڻ: روح، اندر
مهاشن: عظيم
منش: ماڻهو
سروياپي: سڀ ۾ سمايل
پريوجن: ڪم، مقصد
ڪرم: عمل
سمڀاونا: امڪان
اصلاحات: سڌارا
مال غنيمت: لٽ جو مال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦاليرو: نام ڪٺيو

تڪليف: اهنج ايذاء

مناسب: جوڳو

پاليسي: هلت

دوغلي: ٻٽي

جٿو: ٽولو، ولر، وڳر

بنياد: پيڙهه

مسئلو: مامرو

تعاون: ساٿ، هٿ وٺ

تقاضا: گهر

انتظار: اوسيئڙو

روز بروز: ڏينهون ڏينهن

استحصالي نظام: ڦرماري سرشتو

ارٿ: مطلب

شبد: لفظ، اکر

مهذب: سڌريل سگهڙ

فارغ: واندو، وانجهو

يڪسان: هڪجهڙو

ترقي: واڌ، واڌارو ڦونهڙو

فهرست: وچوڙ

انتشار: وکوڙ، ڏڦير

امتياز: ويڇو، سنڌو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انگريزي لفظن جون معنائون

Construction	جوڙ جڪ:
* Allergy	سونجرائي:
* Anti Bodies	مخالف جزا:
* Antigens	ڏاريان جزا:
* Classification	نسلي ڦاند:
* Commensals	ڀائيوار جيوڙا:
* Malaise	ڪاموڙ:
* Hydrophobia	پاڻيءَ چڙ
* Lymph	رتوبت:
* Mask	ٻوتارو:
* Dogmatic	اعتقادي:
* Stimulus	اوڀارو:
* Plenty	اڪٽ:
* Mould	ڪارب:
* Kissing	چمي چٽ:
* Smart	ڦڙت
* In Range	گهيري ۾
* Escapism	فرار وادي:
* Sterio Type	عام روايتي:
* Optimism	آشا وادي:
* Bellows	ڌوڻي:

ڊاڪٽر سليمان شيخ
۽ ڊاڪٽر نعيم دريشاڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي فاتحن پنهنجا ڪميت ڪڏايا. عربن کان آبداليءَ تائين، مغلن کان وٺندي مدد خان پٺاڻ تائين، علاؤالدين خلجي کان وٺندي ترخانن تائين، اورنگزيب کان وٺندي انگريزن تائين. هيءَ سنڌ جي ڌرتي انهن جي گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙبي رهي آهي. هر ظالم اسانجي ڌرتي جي دولت اڳي آهي، پر اسانجي تهذيب کي هٿ لائڻ جو سٽ نه ساريو آهي. ترخانن اسانجي ماٺهن جون کلون لهرايون، زبانون وڍايون، اسانجي عالمن جون اکيون ڪڍرايون، پر اسانجي تهذيب اسان کان ڦري نه سگهيا.

ناصر مورائي

* اظهار راءِ جي 'آزادي' جو مطلب اظهار راءِ جي 'ڇڙواڳي' ڪونهي. 'آزادي' ۽ 'ڇڙواڳي' ۾ وڏو فرق آهي ، اسانجي دوستن کي اهو فرق سمجهڻ کپي. لکڻ کان اڳ هميشه حقيقتن جو ويجهڙائي کان مطالعو ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي قومي مسئلن ۽ قومي شخصيتن تي لکڻ کان اڳ اڳ اڃا ضروري آهي ته انهيءَ ڏس ۾ سخت احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي.

پيرو مظهر

* هيلن ۽ اچيليس فقط يوناني سماج ۾ جاءِ وٺي سگهيا آهن؛ ليئر، ڪلوپيٽرا، بڪ، ڪئليبان ۽ مرنڊا فقط انگريزي سماج ۾ جاءِ وٺي سگهيا؛ شڪنتلا ۽ دميتني فقط هندستاني سماج ۾ جاءِ وٺي سگهيا آهن؛ ۽ اهڙي ريت، ماڳهي، نوري،

مارئي، مومل ۽ سسئي رڳو سنڌي سماج ۾ پيدا ٿي سگهنديون، جو نه سپ ڏنڙيل، سپ ڦرڻيل، سپ وسوڙيل، سپ ويچاريون ۽ سپ هنيون ماريون آهن. پيو ڪهڙو سماج آهي جو هنن کي سمجهي سگهندو ۽ قبول ڪري سگهندو؟

الهداد ٻوهيو

* تعداد جي لحاظ کان فنڪار ڪي ڪوته پرڪبو آهي پر معيار جي لحاظ سان پرکبو آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

(اڳتي قدم)

* انسان، زندگي ۾ هڪ دفعو محبت ڪندو آهي، بعد ۾ جيڪا به محبت ڪئي وڃي ٿي، سا ٻهرين ضرب وسارڻ خاطر آهي، ته جيئن، ٻهرين چوٽ ان اڳاهه پيار سان دٻجي وڃي.

چنا شبير ناز

(سچا سپج پلنگ)

* ورهين کان ٻنڌل مذهب جا حڪم، پيغمبرن جون حديثون نبين جا نياپا، ولين جون حڪايتون، پيرن جو پرچار، مولوين جا وعظ ۽ عالمن جي تبليغ هن لاءِ پاڻيءَ تي ليڪو ثابت ٿيا هئا.
* جيترو رهڻو آهي ته ظالم کان وڌو ظالم ٿي رهڻو پوندو.
* زور جي لٺ سان ڏون زماني جو ڏڻ هڪلي سگهين ٿو.
* قاعدا ۽ قانون، مظلوم ۽ هيٺي جو ساٿ نه ڏيندا آهن.
* شاگرد جي چيل چئن ٻولن، هنڪي ويچار جـي نئين

وهڪڙي ۾ وهائي ڇڏيو.

* خميسي جو پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار وڏندو ويو. هنکي هاڻ پنهنجو ڪعبو ۽ قبلو ڇني طرح نظر اچڻ لڳا.

نجم عباسي

(سوٽي هجي ساڻ)

* ٿنهن ڪانسواءِ پٽ تي پيا به گهڻا نقش ۽ نگار ٺهيل هئا (جن جي بيان ڪرڻ جي قديم خيالن جي روشنيءَ ۾، ۽ جديد اخلاقيات موجب اجازت ناهي).

* لفظن جو جادوگر هو. هر لفظ جذبي جي پوري ترجماني تي ڪئي.

* آمريڪا چنڊ تي فرنيچر پهچائي آيو آهي، چين هڪ ڪنڌ ڪان پٺي ڪنڌ تائين مار ڪندڙ ميزائل پيو ناهي. هڪ پاسي ٽيوب - ٽرين پيون هلن، ٻئي پاسي ٽيوب ۾ ٻار تيار ٿيڻ وارا آهن ۽ اوهين دوستيءَ جو وڏايل هٿ ٺڪرائي رهيا آهيو.

* اها ڳالهه شيخ صاحب پهرين ته مونکان لڪائي پر پوءِ هاضمي کي درست رکڻ لاءِ ٻڌائي ڇڏيائين.

* ڪي ڪي داڻا بيشڪ موتيءَ داڻا هوندا ۽ ڪا ڪا دل هيرن جي کاڻ به هوندي، پر هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو ۽ هرڪا دل هيرن جي کاڻ هجي، اهي رايا رکو خوش آيند خيالن وارا شاعر رکي سگهن ٿا، دل جو راڻو ته هرڪو تي سگهي ٿو، پوءِ ڪٿي اهو هڪ اک کان ڪاڻو هجي.

* عظيم ڪا معمولي عورت نه هئي. سنڌس اندر ۾ غم

جون ڏنديون ۽ خوشيءَ جون نديون هيون، دل ۾ ڪاڪ ڪڪوريل هيس ۽ اندرڏي لنڊاڙو هئس.

عبدالجبار جوڻيجو

(ون يونٽ)

* ”ڪوه مري وارا ڏينهن توکي ياد آهن؟“
”ها! سونهن جو هر روپ منهنجي يادن ۾ پوئجي ويندو آهي.“

* ”ٽون ايڏو ويسلو ڇو آهين؟“
”لا وارث ڌرتيءَ جو ڏڪائل نسل مون وانگي يادن ۽ سپنن جي رڃ ۾ ٿي پناهه وٺندو آهي.“

* منهنجي من ۾ جذبن جو مانداڻ مچي ويو هو.

* نيٺ ته منهنجي سوچ هڪ ڏينهن موهن جي دڙي جي کنڊرن مان پڙاڏو بڻجي ڪولاچيءَ جي ڪُن تائين پهچندي ۽ پوءِ مورڙي جا وارث جاڳي اٿندا.

عبدالحق عالماڻي

(سائيءَ جا سور)

* ڪتاب انسان جا بهترين دوست آهن، صلاحون ڏيندا، وندرائيندا، کلائيندا، رئاريندا، ايئن جيئن ڪو بهترين دوست مان اميد رکي سگهجي. اڄهو هينئر اداس آهيان ۽ شاه جو 'سر سسئي' پڙهي ويهي رهيو آهيان ته پنهنجا ڏک ٽيڇ پيا لڳنم، اڄهو سماجي حالتن منجهائي ڇڏيو آهي ۽ مويو سان، دوستو وسڪي، آسڪر وائلڊ، چيخوف، هئمنگوي ڍير ڪهاڻيون ڪٿيو آڏم بوهتا اٿم ۽ پڙهائين پيا ته

ڪيترن سندن ڪردارن ساڳين يا ان کان به ڳرين حالتن کي مرڪي منهن ڏنو آهي.

* خطن جي سلسلي ۾ تنهنجو قرضدار ٿي پيو آهيان — در اصل خط لکڻ وهان ٿو ته اڪير اڪين آب آڻيو ڇڏي ۽ لکيو ڪين پڇيم — پرديس جي هن هيڻائيءَ کي بخشجانءِ.

حفيظ شيخ

* ماحول (ڪن ماڻهن) سندن مقصد ڪي رکو سمجهن لاءِ به سازگار نه هوندو آهي. هو فقط اونداهين ۾ لاٽون ٻاري، ٻين لاءِ راهون تيار ڪري، هڪ پيغام ڏيئي، هڪڙي وات ڏسي، هڪڙي نئين ريت وجهي، دنيا مان بظاهر ناڪام ۽ نامراد، هٿين خالي، اڻ چاتا اڻ ڳاتا موڪلايو وڃن.

رسول بخش پليجو

* عورت جي دل به عجيب ٿيندي آهي، اُتي جي دل تي چرو وهائي ڪيڏي، پر پنهنجيا حساس کي ٿوري ڇهي آيس ته روئي پوندي. ڪاش هوءَ ڄاڻي سگهي ته سندس انهيءَ ڳالهه سان منهنجي دل تي ڪيڏا ڪوٽ هلي ويا هوندا.

علي بابا

(جنم ڀومي - شمشاد ڀومي)

* اهميت منهنجي تاثرات کي ڪونهي. اهميت آهي اهل وطن جي تاثرات کي.

* سنڌي ماڻهو داخلي ۽ خارجي طرح ايڏا زخمي ۽ ضعيف آهن، ايڏا ويچارا ۽ ننڍڙڪا آهن ۽ ايڏا جاهل ۽

soorihsindhiadab

طامع آهن، ايڏا سست ۽ گهٻرايل آهن جو انهن جي معاملي ۾ ڪي وڏا وڏا خواب ڏسڻ ۽ هوائي قلعا اڏڻ محض دماغي لذت جون ڪوششون آهن.

* پر نا اميد نه ٿيڻ کپي. قومن جي سياسي صورتحال جامد نه هوندي آهي، متحرڪ هوندي آهي ۽ قومن جي محرومي جڏهن گهٽي درجي تي پهچندي آهي ته اها قومي تضاد جي شڪل وٺندي آهي.

حفيظ قريشي

* ذهن ۾ جڏهن ڪو ويچار روپ وٺڻ لڳندو آهي. ان وقت چڻ ريگستان ۾ پيهرن واري سنسان ويراني جو عالم هوندو آهي جنهن ۾ سورج باهه وسائيندو رهندو آهي ۽ تڏهن اچانڪ هڪ تازگي، مدرتا ۽ لئه پيدا ٿئي جهرڻو ڦٽي نڪرندو آهي. شاعر پنهنجن ويچارن کي لفظن جو روپ ڏيئي قلمبند ڪندو آهي. ڪجهه وقت کان پوءِ ان قلمبند ٿيل رچنا ڏانهن اويساهين نظرن سان ڏسندو آهي. هن کي ٿي ٿي به ڇا حاصل ٿيندو آهي؟ واريءَ پريو پلاند!

نارائڻ شيام

* پنهي جي وچ ۾ پيار ڪيئن آيو، تنهن جو ذڪر ڪرڻ واجب ناهي. ڇو جو پيار ڪرڻ لاءِ ڪا خاصي زمين، ڪنهن خاصي هوا، ڪنهن خاص وقت يا ڪنهن خاص جڳهه جي ضرورت ڪانهي. پيار جو بوٽو ڪنهن به زمين، ڪنهن به هوا، ڪنهن به وقت ۽ ڪهڙي به ماحول ۾ اڀري سگهي ٿو.

وشنو ڀاٽيا

(دردن ماري دل)

* ناامید نہ آھیان. ڇو تہ منھنجو تاريخ جي اڳتي وڌڻ ۾ ايمان آھي. منھنجي خيال ۾ ھر ايندڙ ڏھي، گذريل ڏھيءَ کان بھتر ھوندي آھي. تاريخ سدائين اڳتي وڌندي آھي. وقت ڪڏھن بہ پٺتي نہ موٽندو آھي.

تنوير عباسي

* ”توھان تي الزام آھي تہ ”ڳوڙھو ۽ منجھيل نثر ٿا لکو.“ ”لکڻ واري کي تہ ڪل ئي ناھي پوندي تہ ھو ڳوڙھو پيو لکي يا منجھيل. لکڻ ويل تہ ذھن ۾ جيڪو سرجندو آھي لکندي ويندي آھيان. ان کي اوھان منھنجو اسٽائيل چئي سگھو ٿا. جيڪڏھن شعوري طور ڪنھن بہ جو انداز اپنائڻ چاھيو ھوندم تہ ذھن مان پلاٽ اڏام ڪٽولي وانگي اڏامي ويندو آھي، پوءِ مان ڌرتيءَ تي ۽ ڪردار پولارن ۾ بولاتيون ڪائيندا نظر ايندا آھن. مان منجھيل تي لڳان خبر ناھي ڇو؟

پڙھيل ڳڙھيل ماڻھو سنڌي بہ پڙھي ۽ سمجھي نہ سگھي— تہ ٻولي لاءِ ان کان وڏيڪ ڪھڙو ھاڃو ٿي سگھي ٿو.

* مان ماحول جي محتاجي ناھيان ڪيندي. پکي اڏامندي ڪھڙي بہ وڻ جي ٽاريءَ تي ويھي سگھي ٿو. ساوڻ ۾ بادل ڪھڙي بہ ڌرتيءَ تي وسي سگھي ٿو. موڊ تي ويو تہ رستي تي ھلندي بہ ڊائري کولي لکڻ لڳندي آھيان. جڏھن تمام گھڻي مصروفيت ھوندي آھي تڏھن موڪل واري ڏينھن موڊ ناھي ونندي آھيان.

* مان پنهنجي ڌرتيءَ تي اهڙا ئي مرد ڏسڻ چاهيان ٿي، جيڪي دل جا دکي، پر هٿ جا هنرمند هجن. ٽوٽي ۽ بڪواسي ڇوڪرا نه اهن وڻندا مون کي. مان ته اينترو به چوان پئي ته، واندڪائي ۽ بڪواس کان بهتر آهي ته ڏاڙا وجي هڻن. ڪجهه نه ڪجهه ڪندا رهن.
* مان به ذهن جي خوبي ڏسڻ جي عادي آهيان.

زبيده ميتلو

(انٽرويو، سنڌي ساهت)

* آساراه تي ماٺ ته ڪري سگهان ٿي، پر مجي نٿي سگهان.
* سماجي برايون ٽين پيون نه اها الڳ ڳالهه آهي. ليڪڪ ڪو سماج سڌارڪ ناهي.
* ڇو نه پئي لکان—؟ Motivation ناهي، محرڪ ضروري آهي. هاڻي محرڪ ويليو وڃائي ويٺا آهن. انسپائريشن ناهي.... آئون ويڳاڻي پئي ٿي وڃان.
* هڪ ليکڪ پاڻ پنهنجي تخليق وڪڻي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو اياڳ ٿي سگهي ٿو.
* پئسو پناهه گاهه ته ٿي سگهي ٿو، انسپائريشن نٿو بڻجي سگهي.
* لکڻ جو ڪو مقصد—؟

مقصد ناهي، هوندو ته هن به چٽو ناهي.

خيرالنساء جعفري

(ڳالهه ٻولهه، نئون نياپو)

شاهه جي رسالي مان ڪجهه سٽون

* ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻه اوڏا سڄڻين
* عاشق اجل سامهان، اوچي ڳاٽ اچن
* سٽي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت جن جي.
* سوريءَ چڙهڻ سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن.
* سوڍا نه ڳر ساهه، نات راڻا گهڻا راڄ ۾
* سداسائون ڏينهڙا، هنن نه هوندا.
* سڀ نڱيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏيو لوڀ.
* ساجن سپنان سهڻو، سائينءَ جو سوڳند.
* ڏات نه آهي ذات، جو وهي سو لهي.
* دلبر! هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس.
* جي هٿان هوت مرن، هوت تنين جي هنج ۾.
* پڇن جي مهار ڪي، پڇي سي مهار.
* توبه جي تاثير سان ترِي ويا طوفان.
* ڪونهي ڪميٽيءَ جو ٻگر تو ٻلو.
* ور! مَ وساريج، آهيان تنهنجي آسري.
* مڱ تنهين کان، منڱتا! جو ڏيهاڙي ٿو ڏئي.
* تو ور! وهون ڪيتريون، مون ور تون ورئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ڪنهن مهربان پڙهندڙ پڇيو آهي، پنهنجو افسانو ، ’زندگي — هڪ ڪُن‘ پنهنجي ماڻ پيڻ کي پڙهڻ لاءِ ڏيندين؟ سوال تير وانگر آيو ، ۽ دل ۾ چڀي ويو. زندگي ۽ زندگيءَ جا لاتعداد مسئلا ، ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻين جا انيڪ موضوع اسان جي ماءُ ڀيڻ سان وابسته نہ آهن. تتل اعتقاد ۽ شڪست ڪادل اعتماد جي بغاوت، غلطين ۽ لغزشن جي دز مان اڏامندڙ آنڌيون، جنهن جي وهڪري ۾ لڙهي ويل بتيلا ، سچ ۽ ڪوڙ جي رڄ ۾ گسم ٿي ويل قافلا ۽ عمل ۽ رد عمل جي دائرن کان اسان جي ماءُ ڀيڻ دور آهن. هينئر فيصلو اهو ڪرڻو آهي تہ اڄ جي سنڌي ليکڪ کي پنهنجي ماءُ ڀيڻ جي پسند لاءِ لکڻ کپي يا انهن بنيادي مسئلن طرف بہ ڌيان گهرجي، جيڪي ابتدا کان اهم آهن ۽ انتها تائين اهم رهندا ! اهو فيصلو پڙهندڙن کي ڪرڻو آهي. هو امين آهن. هي خط لکي پنهنجي پياري ليکڪ هيمنگوي جي قول جي انحرافي ڪئي اٿم تہ:

The business of writer is to write, not talk.

امر جليل

(خط — سهڻي رسالو)

* ان گهر ۾ اسان ٽن سالن کان رهيل آهيون. زندگي اسان وٽ رهيل آهي. اسان زندگي وٽ رهيل آهيون. اڃان جيئرا آهيون.

* مان بي روزگار هوس (اڃان بہ آهيان) ۽ محبت بہ

Scanned with CamScanner

ڪندو هوس. (هينئر جيڪي محبت ڪندا آهن، انهن جو ڪم خراب ڪندو آهيان).

* ”جيترا رهياسين ته اينديءَ سال ملنداسين.“

* مان جيئرو هوندس. ان جي مون کي پڪ آهي. تون پنهنجو خيال ڪر. مصيبتون مون کي مرڻ ڪونه ڏينديون.“

امر جليل

(عشق ۽ انٽرويو)

*.... هن مون کي سنڌي بزدل سڏيو هو. مون کي ڪاوڙ آئي. مون عبدالرحمان کي ياد ڪيو، جنهن جي دهشت کان انگريز آفيسرن جون نڪرون اهي وينديون هيون. مون کي شڪارپور شهر جي وچ ۾ سوريءَ تي لٽڪيل عيدو ڏاڙيل ياد آيو. رحيم هنگورو ياد آيو. محرم جانوري ياد آيو، جنهن کي پوليس ويجهڙائيءَ ۾ ماريو هو، ۽ اها خبر جنگ ۽ انجام اخبارن ۾ وڏي شان سان شايع ٿي هئي.

*”ڏاڙيل ڪيئن هوندا آهن.“— نجمه پڇيو:

”مون جهڙا.“

”تون به ڏاڙيل آهين ڇا!؟“

”چري ڏاڙيل هجان ها ته اول توکي پڃائي وڃان ها.“

”الائي ڇو. سڀ سنڌي مون کي ڏاڙيل نظر ايندا آهن.“

”ڪنهن سنڌيءَ سان پيار ڪري ڏس پڳلي، پوءِ باقي دنيا توکي ڏاڙيل ۽ سنڌي سڀ ڄهڙا نظر ايندا.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* کهڙي بابت ڇا خيال آهي؟

”گڏه هجي يا گهوڙو يا خانبهادر کهڙو سڀ اسان لاءِ ساڳين آهن ۽ سنڌ هڪ شطرنج جو پاڻو آهي.“

امر جليل

(محرم جانوري جو فرار ٿيل ساٿي)

* پاڻيو هوم نه تون اڻين نه ڪندينءَ، منهنجي اميدن جي ڪناري ڪي ويڙ وانگر لٽي نه ڇڏيندينءَ. پر منهنجي پاڻيءَ ۽ نه پاڻيءَ مان ڇا ورندو. مون حياتيءَ ۾ هميشه غلط سوچيو آهي.

* تون سنگمرمر جو سهڻو بت آهين. تو وٽ منهنجي ڇري چاهت جو قدر ڪونهي.

* روحن جا رشتا هڪ ڇڪ سان نه ڇنبا آهن، جيئن تو ڪيو آهي.

* مون پاڻ کي سڀ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪيو آهي.

* تو مونکي نه، منهنجي اندر لڪل فنڪار کي چاهيو هو، جنهن کي اسٽيج تي ڏسي تو تاڙيون وڄايون هيون. تون انهن انسانن مان آهين نجمه جن وان گو کي مفلسيءَ ۾ مرڻ ڏنو، پر سندس لينڊ اسڪيپ ڏه لک ڊالرن ۾ خريد ڪيا ڏون.

* پنهنجو ئي آواز صدا ٻڌجي مون ڪان محبت جو دان

گهرڻ لڳو.

* پاڻيءَ پسم ٿي وينديس. واچوڙي وانگر آڌامي وينديس. پنهنجي ئي آگ ۾ ٽانڊي وانگر سڙي رک ٿي وينديس.

امر جليل

(منهنجي دل موڻن جو دڙو)

* رئيس ڪي چڻ نانگ سنگهي ويو. وڇونءَ جي ڏنگ جهڙيون مڇون، ڦوسيءَ جي ڀڄ وانگر لٽڪي پيون.

* مان منهنجي آرزو، مان توسان محبت ڪيان ٿو، تون منهنجو روح منهنجي زندگي، منهنجي ڪائنات آهين.

* اسان ٻئي هڪ-ٻئي جي سامهون ويٺا هئاسين، خاموش، اداس، وياڪل ۽ وچايل. چڻ انسان نه، ڪنڌرن جا ٽٽل ڦٽل بت هئاسين. ٽيڪسلا جا اسٽوپا هئاسين. موڻن جي دڙي جو چوواٽو هئاسين، يا ڪنهن ڪهاڻيءَ جي المناڪ پڇاڙي هئاسين.

امر جليل

(هڪ دل جي اڪيلائي)

* مون کي خبر آهي ته ڪيتري حد تائين مونکي اظهار جي آزادي مليل آهي. اها مون ئي چڏيل آهي ته محدود آزاديءَ جي پابندين ۾ لکڻ قبول ڪريان، يا لکڻ ڇڏي ڏيان.

* انسان آهيان، ڏوهن ۽ گناهن جو مرتڪب ٿي پوندو آهيان. پر، يقين ڪريو، مان ٻئي جي يقين، ڀروسي ۽ اعتماد کي ڇيهو نه رسائيندو آهيان.

* تحرير ليکڪ جو آئينو ٿيندي آهي. ليکڪن جو چهرو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌن لکڻين ۾ ڏسي سگهجو آهي. تحرير واري آئيني کي دز، مٽي، ۽ گهم سان اڇڻو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان — پر پنهنجي ڪوشش ۾ سدائين ڪامياب نه ٿيندو آهيان. مان جهڙو آهيان، جيئن آهيان، پنهنجن ڪالمن جي آئيني ۾ چٽو ٿي بيهندو آهيان ۽ وڏجي ويندو آهيان.

* مان ڏوڪان سواءِ اڻپورو آهيان، سنڌو. مان ڏوڪان سواءِ اڻ سونهون آهيان، مڪمل نه آهيان.
* هڪ محبت اهڙي به هوندي آهي، جنهن ۾ ڪابه لالچ، ڪابه طمع ۽ ڪوبه مطلب نه هوندو آهي.
* جيڪي ليکڪ لکي رهيا آهن انهن کي بکسوٽيءَ سان لکڻ ڏيو ۽ جيڪي اديب پنهنجو وارو وڄائي ويا آهن انهن کي عزت ۽ احترام سان ياد ڪريو.
* مان پنهنجي باطن ۽ ظاهر سميت گهاٽي ۾ ٻڏجي ويو آهيان.
* تحرير ڪوفتو، ڪباب يا ڪورمو نه آهي جو مزيدار هجي. تحرير زندگيءَ جي ترجماني ڪندي آهي. تحرير ۾ انسان جو، ۽ توهانجو عڪس هوندو آهي. اسين دکي هوندا آهيون ته تحرير اسان به مايوسي بکندي آهي. اسين مضطرف هوندا آهيون ته تحرير جي سٽ سٽ مضطرف نظر ايندي آهي. تحرير سوادي نه ٿيندي آهي، سوادي پالڻي گوشت ٿيندو آهي.
* لکڻ منهنجي زندگيءَ جو مقصد آهي، ۽ ڪنهن سان ڪيل وعدي جو تقدس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* نوڪري منهنجي اقتصادي ضرورت آهي. مونکي ڪا به ملڪيت ڪانهي، ۽ نه ئي مستقل آمدنيءَ جو ٻيو ڪو ذريعو آهي؛ تنهنڪري مان نوڪري ڪندو آهيان. مان نوڪريءَ جي پابندين، ضابطن ۽ قاعدن قانونن کان واقف آهيان.

* ڇا نه لکڻ جي خاني ۾ به پابنديون آهن، مون کي سياست تي لکڻو ناهي، پنهنجي محڪمي جي باري ۾ خيال آرائي ڪرڻ جي اجازت نه آهي. ان کان علاوه مان هر موضوع ۽ مسئلي تي لکڻ جو بنيادي ۽ آئيني حق رکان ٿو، ان حق کي مان گذريل ويهن سالن کان استعمال ڪندو رهيو آهيان.

مونکي نوڪري از راه همدردي يا تحفي ۾ مليل نه آهي. مون سڄي پاڪستان ۾ ٿي پوزيشن حاصل ڪئي هئي. ان چونڊ ذريعي مان ريڊيو پاڪستان جي نوڪريءَ ۾ شامل ٿيو هوس. اسين سنڌي احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهيون. پائيندا آهيون نه ٻيو ڪو سنڌي جيڪو چڱيرڙي نوڪريءَ ۾ آهي سو ضرور نالائق آهي ۽ سفارش سبب نوڪريءَ ۾ آهي. مٿيان ٻه جملا لکندي مون پاڻ کي ملامت ڪئي آهي. پاڻ پڏائڻ کان مونکي نفرت آهي. پر، حالت مونکي هيءَ لکڻ کان مجبور ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو، هن ڪالم جي شايع ٿيڻ کانپوءِ اسان جي منفي سوچ ۾ ڪو صحتمند ڦيرو اچي. ٻارو، اسين سنڌي سڀيئي گڏهه نه آهيون. اسين ڪم ڪري سگهندا آهيون، چئلينج قبول ڪري سگهندا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيون. علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ وارا منهنجا سائٽ نه آهن جو هنن مونکي ريڊيو پاڪستان ڪان پنجن سالن لاءِ وٺي ويهين گريڊ جي پوسٽ تي وهاريو آهي. هي ڇڏا پيٺيءَ جو زمانو آهي. ٽيليويزن تي اينڊڙ عربيءَ جا پروگرام ۽ ٻيا تعليمي پروگرام منهنجا ڏٺيل آهن ۽ منهنجي نظرداريءَ ۾ ڏاهيل آهن. ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندڙ اوپن يونيورسٽيءَ جا سوين تعليمي پروگرام مون ڏاهيا آهن يا منهنجي نظرداريءَ ۾ ڏاهيل آهن.

* دوستو اسين جيڪڏهن هڪٻئي کي نالائق سمجهن ڇڏي ڏيون ته ان ۾ ڇڱائي اسان لاءِ آهي، ٻئي ڪنهن لاءِ نه آهي.

* مان حڪومت پاڪستان جي نوڪريءَ ۾ آهيان، ڪنهن فرد واحد جي نوڪريءَ ۾ نه آهيان. مان پڻانڻو نه آهيان جو وڪامي وڃان. مان ڪارونجهر آهيان. پنهنجي جاءِ تي اٽل آهيان. مان پنهنجي محبت سان پڌل آهيان.

* مان ڪامورڪي لڏي جي آڏين پڇاڻن کي لاڳيتو منهن ڏيندو رهيو آهيان. عين ممڪن آهي ته ڪنهن ڏينهن ڪامورن هٿان جهاتڪو ٿي وڃان. جيڪڏهن اهڙو وقت آيو، ته طنز ۽ ٺٺوليون ڪندڙ دوستن کي مان يقين ٿو ڏياريان ته بيروزگار ٿيڻ ڪانپوءِ مان هنن جي امداد تي نه جيئندس. مان جنهن جو آهيان، ۽ جنهن لاءِ آهيان ان جي در جو وڃي سوالي ٿيندس. اخبارن ۾ لکي پيٽ پاليندس، عزت جي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندس. هيءَ دنيا

راس نہ آئي تہ ماڻڙي ڪري هليو ويندس، باقي ڪنهن بہ مجهول آڏو گوڏا نہ کوڙيندس.

ڊچندا اهي آهن جن کي پار پچا هوندا آهـن. جن جا گهرگهاٽ هوندا آهن، مون کي نہ آهن پار پچا، ۽ نہ آهي گهرگهاٽ منهنجي وڃڻ سان دنيا جــي توازن ۾ ڦيرو نہ ايندو، آسمان نہ ڪرندو. سمنڊ نہ سڪندو. موت کي مون هميشه اوتار سمجهيو آهي.

* آخر ۾ هڪ عرض ضروري سمجهان ٿو. ڪنهن ڪنهن وقت جو ليکڪ خاموش ٿي ويندا آهن، نظر نہ ايندا آهن، سي ڊپ يا مصلحت سبب خاموش نہ ٿيندا آهن. هو زندگيءَ جي ڏک ۾ لڙهي ويندا آهن.

* اچوکو ڪالم لکڻ کان پوءِ ششدر ٿي رهيو آهيان، پشيمان ٿي رهيو آهيان.

امر جليل
(هلال پاڪستان)

* مهراڻ جي موجن اندر جنهن مڇيءَ اچي هڪ لڳا پاڻ کي پيوست ڪيو، تنهن کي هميشہ لاءِ پناهہ ملي. پاڻان ورائي، مير مهراڻ، ڪڏهن ڪو نہ پڇيس تہ ڪک پريو ڪڳو آهين يا گندي گندڻي!

* سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اها سنڌ جــا هنن اکين ڏٺي، سا اوچتو ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي! اهـي مـاڻهو ڪٿي وڃي لڪيا آهن؟ ڪنهن کان رسي ويــا؟ ڇـو منهن مٽي ويا؟ ڪهڙو ڏوهہ ڪيوسين؟ ڪهڙو گناهہ سرزد ٿيو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* سنياسين سان مليا، اکيون اکين سان اٽڪيون، دليون دلين سان ڳنڍيون، پڳون متجي ويون، پيچ پئجي ويا، جيءَ جڙجي ويا، مرندي گهڙيءَ تائين جا سونا ڪجي ويا.

* ڪوڙو بيان وڏيرن لاءِ ائين هوندو هو، جيئن ڪنوار لاءِ ونواه ۾ وهڻ.

* انسان جي فطرت ڪي مون غلاف ڪعبه ۾ ملبوس به ڏٺو آهي ۽ الف عريان به.

* سنڌي ڏاڍا سست آهن، پر وقت آئي مست به ٿيووڃن.

* جيل مان نڪرندا ته اڳي ڪان اڳرا. چوندا ته ”مڙس لاءِ جيل ائين آهي جيئن ڪنوار لاءِ ونواه.“

علي محمد راشدي

(اهي ڏينهن اهي شينهن حصو پهريون)

* مان گهڻو ملڪ گهميو آهيان. ڪيترن ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون اٿم. پر ڪوبه سچو، هم خيال، هم صفت، موصوف دوست تو جهڙو ڪونه ڏٺو اٿم. هيءَ خوشامد ناهي چاڪاڻ ته نه مون کي ۽ نه توکي ان جي ضرورت آهي، نه ان جو پاڻ وٽ ڪو قدر قيمت آهي.

* حقيقت کي شاعرانه تخيل ڪان وڌيڪ اهميت نه ڏجو، متان مسرت حاصل ٿئي، ۽ حفاظت سان خط رکجو، متان ڪو پڙهي ڪڍي وڃي.

* هر خوبصورت شيءِ کي داد ڏيڻ وارا بہ مون وانگر ڪيئي موجود آهن.

* هڪ فاني جسم کي غير فاني حسن جي آغوش ۾ جاءِ ملڻ وڏي خوش نصيبي سمجهڻ کپي.

* هن ناچيز کي سٺي نظر سان ڏسو ٿا، پڪ اٿم ته اوهان کي منهنجن نقصن جو پتو ناهي، يا اوهين انهن تي پردهپوشي ڪري نظر استحسان سان ڏسڻ گهرو ٿا.

* اوهان جهڙن دوستن جي دلداري غم نه ڪٿيندي ته به ڪهڙي دوا درمان ڪندي.

* سڀني ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ هن ڪاغذ جي تنگ ميدان تي فضول ٿيندو، البت اوهين پنهنجي خداداد تخيل کي ڊوڙائي، اهڙي پرفضا جو فوٽو ڪڍي سگهو ٿا.

سيد ميران محمد شاه جا خط

(جي ايم سيد ڏي)

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* منهنجي خيال موجب نہ سچو فنڪار اهو آهي جنهن کي Inner Urge لکڻ تي مجبور ڪري.

شوڪت حسين

(اڳتي قدم رسالو)

* زنده رهڻ جو حق ملندو ڪونهي، ڦريو ويندو آهي.

ماڪ

* وقت گذري ويندو آهي حالتون بدلجي وينديون آهن، پر تاريخ جو تسلسل قائم رهندو آهي.

غلام حسين

(رنگريز)

* عورت ڪو شراب نہ آهي جو پيئڻ سان جهونڌو ٿي وڃي، ۽ اها فقط بستري تائين محدود نہ آهي. پر بدن تي اڳل هٿ دماغي رڳن جي ترتيب ۽ من جي صحت خراب ڪن ٿا.

موهن ڪلپنا

(وجود جو صليب)

* تاريخ ڏند ڪٿا آهي، منهنجا بيوقوف پٽ. تاريخ ماضي جو عبرتڪدو ۽ آئيندي جو سونهون آهي.

اعرجليل

(پکي)

* سان سچ ٿي چوان، مون کي سنڌين سان بيحد پيار آهي، هنن منجهہ امرت جي ذات آهي، تنهن مون کي موهي وڌو آهي.

سندري اتم

* اڳي....الاهين سال اڳي، ٿين ايئن ٿي، جڏهن ٻه چاهيندو هوس، سپني ۾ ڪي ساڀيان ۽ ساڀيان ڪي سپنو ٻڻائي ڇڏيندو هئس. هاڻي سپنا ڇا، ننڊ به الائي ڪيڏانهن ايندي آهي.

علي بابا

* اڏون نٿو چوان نه اهو مشڪل هو. مشڪل ڪجهه به نه آهي سڀ سڀ جي ڳالهه آهي.

عبدالجبار جوڻيجو

* شاهه وٽ هر امنگ جو اظهار آهي، هر آنند جو آلاپ آهي، هر درد جو دونهون آهي ۽ هر ويچار جو وهڪرو آهي.

* شاهه لطيف جيڪڏهن رائين ۽ راجڪمارين جي زندگي ڪٿي ٿو ته شالن ۽ ڊارن، گلابي ويسن وڳن، سونن ڳهنن، عطر عنبير ۽ مشڪ سان واسيل چوٽن ۽ روپي سوني سان راندين جو ورنن ڪري ٿو ۽ جي مهاڻن ۽ ماڇين جي جيون ڪٿي ٿو ته ڪکيءَ هاڙين ڪارين، مڇيءَ جي ڇلرن، ڪکن ۽ لڏرن، چارين ۽ مڪڙين جو ذڪر ڪري ٿو.

ڀوپڻي هيرا نندداڻي

(ٻولي منهنجي ماءُ)

* سمجهه ۾ نٿو اچي ته ادب کي Commercial Basis تي ڇو ايڏو Exploit ڪيو ٿو وڃي. مقابلي جي بدران Co-operation وڌيڪ سود مند ثابت ٿيندو. ڇو ته ادب کا مارڪيٽ نه آهي ۽ ڪتاب کو ڪمرشل پراڊڪٽ

ڪونهن. ۽ اسان پڙهندڙ ڪي ڪسٽمر ڪونہ آهيون.

ياسمين فيض

* جوانيءَ ۾ هن کي ڪيترين ئي ڇوڪرين پيار ڏنو. جسم ۽ روح جي سموري سچائيءَ سان هن سان پيار ڪيو. پر تہ بہ هن جي اندر ۾ محروميءَ جو ڦٽ هو جيڪو اندر ئي اندر وکهرندو ۽ پوسرندو ئي رهيو.

* پنهنجي لکڻين ۽ تقريرن ۾ جيل وڃڻ جو ذڪر ائين ڪندين جيئن فقير خارش جا ڦٽ ڏيکاري خيرات گهرندا آهن.

* جيڪا گهڙي موجود آهي اها ئي سچ آهي، ان گهڙيءَ جي سچ ۾ جيءُ ۽ ڀرپور انداز سان جيءُ. اها گهڙي وري ورڻي نہ آهي، زندگيءَ کي خوابن ۽ آدرشن جي رڃ پٺيان رلي نہ وڃاءِ.

* اسان جي طبقي ۾ سڀ ڇوڪرا اسٽريو ٽائيپ آهن. تو کي پنهنجي شخصيت آهي. شخصيت جي پنهنجي انفراديت، نواڻ ۽ سچائي آهي.

* جي تون چاهين تہ اسين ٻئي هميشہ لاءِ گڏ رهي سگهون ٿا. مان توسان پيار ڪريان ٿي.

* مارڪس ئي چيو آهي تہ دولت اهڙو ڳانڍاپو آهي، جيڪو سڀني ڳانڍاپن کي ڳنڍي ٿو.

* سڀ رشتا ۽ ناتا ضرورت مان ڦٽن ٿا. سماجي رتبي جي لحاظ کان ٽپيدار ۽ صوبيدار مون کان (ايڪ کان) وڌيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. ڇاڪاڻ جو ماڻهن سان هنن جو رشتو ضرورت جو رشتو آهي.

* اڳئين زماني ۾ جاگيردار پنهنجا جهيڙا ختم ڪرڻ ۽ پنهنجي طاقت کي وڌائڻ لاءِ هڪ ٻئي سان سڱابندي ڪندا هئا....اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄڪلهه خاندانن ۾ جهيڙا وجهرائڻ لاءِ سڱابندي ڪئي ويندي آهي.

* ڪنهن اڻ پڙهيل ۽ جاهل سان شادي ڪريان ۽ ساري زندگي پنهنجي ۽ پنهنجي زال جي ذهني غير برابريءَ تي ماتم ڪندو رهان.

* ”يو آر ونڊر فل. تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو.“

”سرڪس جو اهو مشڪرو به ته ڪمال ڪندو آهي، جنهن جي دل روئندي آهي پر هو کلندو ۽ کلائيندو آهي.“

”ڊونٽ ٽاڪ راٽ. جيئڻ لاءِ سڀني کي ڪونه ڪو پارٽ ادا ڪرڻو پوي ٿو. ڪو نه ڪو ماسڪ پائڻو ٿو پوي.“

* هو پنهنجي قبر پاڻ کوٽي آيو هو. پنهنجي سوري پاڻ سينگاري آيو هو.

* اڄ هن پنهنجي زندگيءَ جي ڏينهن راتين، ڏکن سکن جي بئلنس شيٽ کولي پنهنجو پاڻ سان ڊپازٽ، ڪريڊٽ، انٽريسٽ، ڪمپائونڊ انٽريسٽ جو حساب چڪتو ڪرڻ ٿي چاهيو.

* هن کي خبر پئي هئي ته هن جو سڪينه سان پيار نه هو. هن وري پنهنجي حيواني جذبي، جسم جي وحشي گهرجن، وحشي لالچ ۽ انڌي هيج کي محبت سمجهيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* هن ڪي پنهنجو پاڻ مان جنهن ڪريل سڙيل لاش جي ڌپ ايندي هئي اهو ڪنهن جو لاش هو؟ شايد اهو هن جي خواب جو لاش هو، هن جي آدرش جو لاش هو، يا هن جو پنهنجو لاش هو.

* ”منهنجي جسم کي نه پر دل کي اعتماد گهرجي.“
”يعني تنهنجي دل کي پيار جو يقين ڏياريان.“
”ها....“
”منهنجي آڏو پيار جو لفظ گذريل زماني جو اهڙو سڪو آهي جيڪو هن زماني ۾ چالو نه آهي.“
”منهنجي دل جي دڪان تي پراڻي زماني جو سڪو هلندو آهـــي.“

* ”تون مون کي ڦاسائڻ تي چاهين، تون مون کي انڪري ٿي روڪين ته جيئن منهنجي ٻي ڪا ٻي وڏي ۾ مان تنهنجي چار ۾ ڦاسي وڃان، پر ڪن ڪولي هڏي چــڏ، مان ڦاسڻ وارو ماڻهو نه آهيان.“

*... سامهون ديوان تي اچي اچي، ڪچي مـاس ۽ ٻارڻي گوشت جو ڍير پيو هو. ان ماس جون لاهيون چاڙهيون، محراب، گنبذ، انگن جا ونگ ۽ ڪمانيون، سڀ پيچيدهي ٻي شڪل ماس جـو ڍير ٿي ويون هيون، جـن لاهين تان هن جا جذبا ترڪيا هئا، هينئر اهـي لاهيون بـي جان، ٻي شڪل، لڙڪيل ۽ ڦلڦي ماس کان سواءِ ڪجهه نه هيون. وقت گذرڻ سان ماس هڏن تان ڍلو ٿي لڙڪي آيو هو.

* ”هن ٻڌايو ته تون ڏاڍو سٺو لکڪ آهين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مون کي ليکڪ هجڻ واري الزام تي اعتراض ڪونهي باقي ’ڏاڍي سٺي‘ واري الزام تي اعتراض آهي.“

* ”اوهان لکڻ ڇو ڇڏي ڏنو.“

”ان ڪري جو مون وٽ چوڻ لکڻ لاءِ ڪا ڳالهه نه هئي.“

* ليکڪ جي ٽرئجڊي آهي جو هو جڳ بيتيءَ کي اهڙي سچائي سان لکندو آهي جو پڙهڻ واري کي ان تي ليکڪ جي آپ بيتيءَ جو گمان ٿيندو آهي. هو ڪيترين ئي محبت جون ڪهاڻيون ٿو لکي. جي اهي سڀ هن جي زندگيءَ جون ڪهاڻيون هجن ته پوءِ هن کي زندگيءَ ۾ محبتن ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي نه هوندو.

”هن هميشه ماڻهوءَ جو متاثرو ڏٺو هو، متاثري سان پيار ڪيو هو ۽ متاثري کان بيزار ٿيو هو.

* ” ڪي شڪاري مرد ڇوڪرين جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهريلو زندگي جي ناخوشيءَ جا بهانا ڏاهيندا آهن.“

”هو مون کي ڏيءَ سمجهندو آهي.“

”جيڪو مرد عورت کي ٻيءَ طرح حاصل ڪري نه سگهندو آهي ته پوءِ هن کي ڏيءَ يا ڀيڻ بنائي ان جو قرب حاصل ڪندو آهي.“

* وڇوڙو اڻ ٽر آهي، موت به اڻ ٽر آهي، ڇا ماڻهو ان ڪري جيئڻ ڇڏي ڏي جو هڪ نه هڪ ڏينهن مرڻو آهي. ڇا ماڻهو ان ڪري پيار ڪرڻ ڇڏي ڏي جو هڪ نه هڪ ڏينهن وڇوڙو اچڻو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون کي ائين

soorinsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳندو آهي ڇڻ پاڻ ٻئي Waiting Room ۾ ويٺا آهيون. تنهنجي ريل ايندي ۽ تون ريل تي چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن هلي ويندين ۽ مان توسان گهاريل هڪ هڪ گهڙيءَ کي ياد ڪري پيو جيئندس ۽ مرندس.

* ڳالهه ٻڌ. اڄ ته گڏجي ڪو فيصلو ڪريون. فيصلي ڪرڻ وقت اسان مان ڪو به ٻئي لاءِ قرباني ڏيڻ پنهنجي نظرن ۾ 'شهادت' جو مقام ماڻڻ جي ڪوشش نه ڪندو. ٻئي حقيقت پسند ٿي، حقيقتن کي سامهون رکي، فيصلو ڪنداسين.

* "ڇا تون پنهنجي محبت ۾ ٻئي کي حصيدار ڪري سگهين ٿي. توکي خبر آهي ته منهنجي شادي ٿيل آهي. سڪينه جا مون تي ڪي سماجي حق آهن، ڇا شاديءَ کان پوءِ تون سڪينه جي انهن حقن کي قبول ڪندينءَ؟"

"پيار ڪڏهن به ڪنهن جي حصيداريءَ کي قبول نه ڪندو آهي."

"جيڪڏهن توکي منهنجي لاءِ ائين ڪرڻو پوي ته پوءِ...."

"مان تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان؛ پر مان خوش نه رهندس."

آغا سليم

(اڌورو انسان)

* منهنجو توسان پيار ڪونهي، اهو ان مان ظاهر آهي ته مان سوچي سمجهي تنهنجي زندگي ۾ آئي آهيان. پيار ٿي ويندو آهي، ڪيو نه ويندو آهي. البت منهنجو تو ۾ چاهه آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* مان جيڪي چوندس اهو شايد توکي منهنجي حيثيت کان مٿي لڳي.

* پري تون گهڙيءَ گهڙيءَ روپ جو نالو ڇو ٿي وٺين؟ ان تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي؟ مان ان جو مطلب ڇا اهو ڪيان ته ماضيءَ ۾ منهنجو روپ سان پيار، تنهنجي من جي گهراين ۾ توکي ڪنڊي جيان چڀي رهيو آهي.

ٻوهن ڪلپنا

(ٿاءِ ۽ گل)

* گل جو گڻ روپ نه، پر ان جي سڳنڌ آهي. پر پهرين گل جو روپ ٿي آهي جو اسان کي ان جي نزديڪ وٺي ويندو آهي ۽ پوءِ ٿي ان جي سڳنڌ اسان کي معطر ڪندي آهي. اهو تنهنجو روپ آهي، جنهن مون کي تنهنجي قريب آندو آهي، باقي تنهنجي آتما جي سڳنڌ، ان جو قدر ڪرڻ لاءِ منهنجي باقي عمر ڪافي آهي.

* مان تنهنجي ان ٿڌل وشواس کي جوڙيندس: ريکا. تنهنجو وشواس نه، پنهنجي قسمت جوڙيندس، پنهنجو آئيندو جوڙيندس.

* ”هن طرح پيڇو ڪرڻ مان ڇا اهو ظاهر ڪونهي ته اوهين سٺا ماڻهو نه آهيو؟“

”پيڇو ڪرڻ مان برابر اهو ظاهر آهي، پر پيڇي بعد جيڪڏهن هڪ ٻي ملاقات جو شرف حاصل ٿيندو ته ممڪن آهي ڪا ٻي ڳالهه به ظاهر ٿي وڃي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ايتري نفرت ڇو؟ ڪنهن وقت تو هن سان پيار ڪيو هو، ڪنهن کي عزت ڏيڻ لاءِ ڇا ايترو ڪافي ڪونهي؟

موهن ڪلپنا

(ماں اپمان)

* باقي رهيو عشق ۽ محبت جو اندو ديوتا، اهو به جڏهن پيٽ جهڙي حقيقت سان ٽڪرائبو آهي، ته سجدي ۾ ڪري پوندو آهي. هي سڀ ڪجهه مان پنهنجي شڪست جي اعتراف ۾ ڪونه پيو لکان.

* ها تون ياد ٿي اچين، ان پوڄاريءَ کي جنهن کي پوڄا جي عيوضي ۾ ڪيترا پيرا مندرن مان ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍيو ويو.

* مان ڪسي ڪاڻ جو هيراڪ ناهيان ۽ نه وري گهرڻ جي هير اٿم. رضامنديءَ واري عمل جو پوئلڳ آهيان. مان نٿو چاهيان ته ڪير ڪنهنجو احسانمند يا قرضدار رهي.

* پر مان توکان صرف اهو ٿو پڇان، ته تون مون کي منهنجي خواهش جي تياس تي ڪيستائين ٽنگي رکڻ جو ارادو ٿي رکين!؟ ڪجهه سوچ، مون پاران نه ڪاله پابندي هئي، نه وري اڄ .

* پر ڇا ڪجي، جو اسان وٽ سماج بيٺل ڏي ڪلرائي پيڙه تي آهي. ان صورت ۾ مان ٿو تي پنهنجو ڏوه هڪ طرفو ڇو اچليان؟

شر جيل

(نوٽ بڪ)

* منهنجا دوستو، جڏهن منهنجي روح جي چاهت بيچين ٿي ڪنهن کي ڳولڻ لڳندي آهي، جڏهن دل ڪنهن پاڇولي جي پيار لاءِ ڦٿڪي اٿندي آهي، ۽ جڏهن گذريل گهڙين جي ڪا ياد لاشعور ۾ ٻير جي ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳندي آهي تڏهن مان ان عذاب مان اٿل ڪائي ڪا اهڙي ڪهاڻي لکي وٺندو آهيان جيڪا منهنجي وجود مان چيرجي ڪڇجي ٻاهر ايندي آهي، ۽ مان ان ڪهاڻيءَ جو تابوت پنهنجي روح ۾ ماضيءَ جي ڪنهن ياد وانگر دفن ڪري ڇڏيندو آهيان.

* يادگيريون ذهن جي مقبرن ۾ قيد ٿي، پوساڻجي مري وينديون آهن. پر مان انهن مقبرن کي نابود ڪري، پنهنجي غم جا تابوت کڻي، ڪنهن ياد جو ماتم ڪندو آهيان.

امر جليل

(مان پڇان مان پران، تڏهن به تنهنجو آهيان)

* هوءَ ڳالهائڻ جي بلا هوندي هئي. جملا ڄاڻي ماڻهن کي منڊي وجهندي هئي، هڪ ته سانوري سلوڻي، مٿان جو اترادي لهجي ۾ ڳالهائيندي هئي، پاڻ ته دل تي راڻاهو ڏئي ڇڏيندي.

* پڇيائين: ”شاعري ڪندو آهين؟“

”نه.“

”ڇو___؟“

”مونکي حصي ۾ محبت جي ناڪامي ملي آهي. مان پنهنجي مايوسي ٻين جي جهول ۾ وجهڻ نٿو چاهيان.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* ”تون مونسان محبت، ڪرين ٿو؟“

”ها“ ورائيم، ”هڪ محبت اهڙي به هوندي آهي، جنهن جو اظهار نه ڪبو آهي. اها محبت عذاب وانگر اڪيلي سر ڀوڳڻي پوندي آهي.“

* ”مون تي ڏئولي ٿو ڪرين؟“

”مان آپگهات ڪري سگهان ٿو پر توتي ڏئولي نه.“

امر جليل

(هڪ دور جو ماتم)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل بهترين ڪتاب

چيهان رس

الطاف شيخ

(جپان متعلق الطاف شيخ جو بهترين ڪتاب)

خوبصورت ٽائيٽل   قيمت ۱۵ رپيا

نيو فيلڊس پبليڪيشنس کان الطاف شيخ جا هيٺيان ڪتاب گهرائي سگهجن ٿا

۱- وايون وڻجارن جون	۱۲ رپيا
منهنجو ساگر، منهنجو ساحل	۱۲ رپيا
۳- سي ٿي جوين ڏينهن	۱۲ رپيا
۴- سي ٻيڙيون رکين پاڇهه سين	۱۲ رپيا
۵- جپان رس	۱۵ رپيا
۶- پيار جي گهٽ	۱۰ رپيا
۷- ڇا جو ديس ڇا جو وديس	۱۰ رپيا
۸- ڳالهيون تنهن جپان جون	۱۰ رپيا
۹- خدا ڏي خط	۱۰ رپيا
۱۰- ارائونڊ دي ورلڊ	۱۲ رپيا
۱۱- جاني ته جهاز ۾	۱۰ رپيا
۱۲- سانپياهو سمونڊ جو	۱۳ رپيا
۱۳- موج نه سهي مڪڙي	۱۲ رپيا
۱۴- بندر بازاريون	۱۲ رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

soorihsindhiadab

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

ڀهترين سفرناما الطاف شيخ

آسڪر وائلڊ جا خط سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي
De Profundis by Oscar Wilde

للڪار (نجم عباسي جي ڪهاڻين جو مجموعو)

ٽڪل سريت ترتيب ڏيندڙ: ولي رام ولڀ
(اٽليءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار البرٽو موراويا جي ڪهاڻين جو مجموعو)

تصوير جو خون سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي
Picture of Dorian Gray by Oscar Wilde

رات وچ ۾ سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي
Death has three lives by Brett Haliday

سپون سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي
(جبران خليل جي مختلف افسانن ۽ مضمونن جو ترجمو)

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي شعرن تي ٺاھيل
خوبصورت آفسٽ تي ڇپيل تصويرون .

گھرائڻ لاءِ: جاويد آرٽ برادرس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل اوڻيهون ڪتاب

عائشي (SHE)

* هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان ٻه هزار اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناهه قوت، لازوال حسن ۽ غيرمعمولي سياڻپ جي مالڪ هئي——!
* جنهن ڪروڌ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجو انتظار ڪندي رهي.... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هلي آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو....!
* مصري قوم کان ٻه هزار اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عائشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي——! مگر هنجي صورت ڏسڻ ڪنهن کي به نصيب نه ٿي هئي——!
* هوءَ هڪ لاش سان گڏ ٿيل پيرڊمڊ ۾ رهندي هئي!
* هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هٿون هٿ کپندو اچي. هن ٿي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ناهيون ويون آهن.

مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ

سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي گهرائڻ لاءِ لکو:

ڪل صفحا ٤٠٠ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس

قيمت -/25 — ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آسيہ

(ناول)

هي ناول بہ برک برطانوي ليکڪ هينري رائڊر هئگرڊ جي جڳ مشهور ناول THE RETURN of SHE،AESHA جو مڪمل ترجمو آهي جو سنڌس ٻئي ناماري ڪتاب SHE جي ڏي ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل آهي. ٻئي ڪتاب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي جدا جدا مڪمل ڪتاب بہ آهن ۽ هڪٻئي سان لاڳاپيل بہ. هي ٻئي برک ناول دنيا جي گهڻ وڏ مڙنئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن.

— هڪ اعليٰ نسل جي عورت هڪ ديوي بڻجي وڃي. لازوال قوتن، بي پناه حسن، دائمي زندگي ۽ وڏي اقتدار ۽ اختيار جي مالڪ بڻجي وڃي.

— هن جو محبوب، جو ڪو ديوتا نہ بلڪ هڪ عام انسان آهي، سو سنڌس قرب ماڻڻ لاءِ نہ بيان ڪرڻ جهڙا ڪشٽ ڪاٽي جبل جهاڳي ڪشالا ڪڍي هن جي ڏي اچي پهچي ٿو پر هنن ٻنهي جي وچ ۾ اها ڏي ديوار آڏي اچي ٿي وڃي جا هڪ انسان ۽ ديوتا جي وچ ۾ هوندي آهي. هو وصل ۽ محض وصل چاهي ٿو تہ ديوي هن کي اڻ لکيون اڻ ميون آسماني ۽ ڪائناتي پيشڪش ڪري سگهي ٿي، تخت تاج جا خزانا ۽ عبادتون ۽ اطاعتون موجود ڪري سگهي ٿي پر هن لاءِ پنهنجن ڇڙن جو ڇهاءُ نٿي سهسائي سگهي، هو زندگيءَ ڀر جي رفاقت گهري ٿو تہ هن کي نہ کٽندڙ حياتيءَ جي سوغات پيش ڪئي وڃي ٿي، پر جي هوءَ ”عورت“ بڻجڻ لاءِ تيار ٿي تہ... تہ ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري؟

قيمت: ۲۰-۰۰ رپيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ستاويهون ڪتاب

غلامن جو ٻيڙو

هي ڪتاب ايرڪ ڪاربر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جي ٻيليشن ۾ وار ڪانڊاريندڙ جهيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڱ ڪانڊاريندڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڏو ڪي جو انت. عياش هاريٽبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ ڪي داءُ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺيهينئين وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ ڪندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري. هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪيئن نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

خوبصورت ٽائيٽل

ڪل صفحا 288

قيمت ــ /20 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

soorhsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

١-	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	١٢-٠٠
٢-	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٣-	اڌ ملاقات	طارق اشرف	٨-٠٠
٤-	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
٥-	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢)	طارق اشرف	٨-٠٠
٦-	زندگيءَ جو تنها مسافر	طارق اشرف	٨-٠٠
٧-	٤ مارچ ۽ سنڌي جوڌا	--	(ختم ٿيل)
٨-	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	١٢-٠٠
٩-	اونداهي ڌرتي روشن هٿ	آغا سليم	(ختم ٿيل)
١٠-	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
١١-	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١)	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
١٢-	ٽڌا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	(ختم ٿيل)
١٣-	وايون وڄارن جون	الطاف شيخ	١٢-٠٠
١٤-	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢)	مختلف ڪهاڻيڪار	١٠-٠٠
١٥-	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	١٢-٠٠
١٦-	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	١٠-٠٠
١٧-	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	١٠-٠٠
١٨-	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي رام ولڀ	١٥-٠٠
١٩-	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	فيروز احمد	١٢-٠٠

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢٠- دل جو بندر (ناول)	نصير اعجاز	١٢-٠٠
٢١- دل اندر درياوُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	١٦-٠٠
٢٢- رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	١٢-٠٠
٢٣- درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	١٨-٠٠
٢٤- ڪنهن سان سور سليان	فيروز احمد	١٢-٠٠
٢٥- فڪر جي آزادي	ابراهيم جويو	٢٠-٠
٢٦- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٢٧- غلامن جو ڀيڙو (ناول)	دوست محمد پٺي	٢٠-٠٠
٢٨- سي ڏي جوين ڏينهن	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٢٩- عاشي (ناول)	فضل احمد بچاڻي	٢٥-٠٠
٣٠- سي ڀيڙيون ر کين ڀاڃهسين	الطاف شيخ	١٢-٠٠
٣١- سڏارت	فضل احمد بچاڻي	١٠-٠٠
٣٢- جپان رس	الطاف شيخ	١٥-٠٠
٣٣- روح جي ڳولا	گل محمد شاه رضوي ۽ فضل احمد بچاڻي	١٠-٠٠
٣٤- درد جا ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	٢٠-٠٠
٣٥- سانياهو سموند جو	الطاف شيخ	١٣-٠٠
٣٦- سورج هوندي مرجهايل	نجم عباسي	١٥-٠٠
٣٧- آسيم (عاشي جي واپسي)	فضل احمد بچاڻي	٢٠-٠٠
٣٨- قلندر	مدد علي سنڌي	١٢-٠٠

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.

soorihsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هـي ڪتاب "الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان" سنڌس ٻين ڪتابن کان بلڪل مختلف آهـي، ۽ سنڌي ٻـوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جـو پهريون ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب الطاف جي اسڪول، ڪاليج، اڪيڊمـيءَ کـان وينـدي سـامونـڊي نوڪريءَ تائين جي ميڙي چوندي آهي ۽ چونڊ جـا ڪارڻ هن "ليکڪ جـا لفظ" ۾ پـاڻ ئي ٻڌايا آهن.

شاهه، سچل، اياز، آغا سليم، جي - ايم سيد، علي بابا تنوير، شمشير، گنوسامتاڻي، امر، سندري، پوپٽي، سراج، رام پنجواڻي، موهن، نجم عباسي، ڪيرت.... ڌرتي ڄاڻن جا ايـڏا وڏا نالا آهن، جيڪي سنڌ، ٻوليءَ، ساهت ۽ سڀيتا لاءِ ڪيل پنهنجي لازوال خدمتن جـي ڪري سنڌ جي اتهاس ۾ امـر ٿي چڪا آهن ـــ ۽ الطاف سندن لکڻين مـان چونڊ ٽڪرا ڏئي، اسان تي وڙ ته ڪيو ئي آهـي، پر ساڳئي وقت اسان جي اندر ۾ ٻولـيءَ، ساهت ۽ سڀيتا لاءِ امٽ ويساهه پڻ جاڳايو آهي.

الطاف شيخ ئي سنڌيءَ جو اهـو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن جي هر عمر جـي پڙهندڙن جو حلقو سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهي.

سنڌي ماڻهو جت
دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾
سنڌ سڳوري ات.

امداد حسيني

soorhsindhiadab

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu